روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد پهريون) خميس 12 جنوري 2023ع بمطابق 18 جمادي الثاني 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 230

سپريم ڪورٽ جو پارليامينٽ تي اعتماد آهي پر عوام جو اعتماد عدليا تي آهي: چيف جسٽس

نيب قانونن ۾ ترميمن خلاف عمران خان جي درخواست تي چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ ٽي رڪني بينچ ٻڌڻي ڪئي

نيب قانون ۾ ترميم وقت اسيمبلي ميمبرن جي اڪثريت منظوري ڏني، قانون ۾ ترميمن جي منظوري وقت 159 ميمبر اسيمبلي ۾ موجود هئا

سوال اِهو آهي ته قانون سازي وقت مخالف ڌر جو هجڻ ضروري آهي، ڇا پهريان اهڙو ڪو مثال موجود آهي ته پارليامينٽ ميمبرن قانون سازي کي چئلينج ڪيو هجي؟

منهنجي نظر مان اهڙو ڪو ڪيس ناهي گذريو جنهن تي پارليامينٽ ميمبر قانون کي چئلينج ڪيو هجي، درخواست گذار نه رڳو پارليامينٽ ميمبر آهي: جسٽس منصور علي شاهه

موجودا ڪيس ۾ نيب قانون جي بهتري ڏسي رهيا آهيون، ضروري نه آهي ته قانون کي ڪالعدم ئي قرار ڏنو وڃي، قانون ڪالعدم ڏيڻ ڪانسواءِ به عدالت وٽ آپشن موجود آهن

قانون کي آئين پٺاندڙ هجڻ تي اڳتي وڌڻ گهرجي، نيب قانون ۾ ترميمن جو بنيادي حقن سان ٽڪراءُ ٿيو ته عدالت آپشنز تي غور ڪندي: جسٽس منصور علي شاهه

اسلام آباد (م ر) چيف جسٽس عمر عطا بنديال چيو آهي ته سپريم ڪورٽ کي پارليامينٽ تي اعتماد آهي پر عوام جو عدليا تي اعتماد آهي. نيب قانونن ۾ ترميمن خلاف عمران خان جي درخواست تي چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ ٽي رڪني بينچ ٻڌڻي ڪئي، وفاقي سرڪار جي وڪيل مخدوم علي خان دليل ڏيندي چيو ته نيب قانون ۾ ترميم وقت اسيمبلي ميمبرن جي اڪثريت منظوري ڏني، قانون ۾ ترميمن جي منظوري وقت 159 ميمبر اسيمبلي ۾ موجود هئا. چيف جسٽس رمارڪس ڏيندي چيو ته سوال اِهو آهي ته قانون سازي وقت مخالف ڌر جو هجڻ ضروري آهي جڏهن ته جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

جنيوا ڪانفرنس ۾ 9.7 بلين ڊالرن جي امداد جا واعدا ڪيا ويا: شهباز شريف

جنيوا ڪانفرنس انتهائي ڪامياب ثابت ٿي، ڪانفرنس جي ڪاميابي قوم جي دعائن ۽ خلوص جو نتيجو آهي، اها ڪاميابي ٽيم ورڪ جو نتيجو آهي

ٻوڏ متاثرن جي بحالي تائين ڪوششون جاري رکيون وينديون، بال هاڻي اسان جي ڪورٽ ۾ آهي، عوام جي ترقي، خوشحالي ۽ ڀلائي لاءِ هر هڪ پئسو استعمال ڪرڻو پوندو

محنت ڪريو ۽ عوام جي خدمت ڪريو، جنيوا ڪانفرنس دوران 9.7 ارب ڊالرن جي امداد جو واعدو ڪيو ويو، سڀ کان وڌي امداد اسلامي ترقياتي بئنڪ 4.2 بلين ڊالرن جو اعلان ڪيو

قطر 25 ملين ڊالر ۽ سعودي عرب هڪ ارب ڊالر ڏيڻ جو اعلان ڪيو، سعودي عرب هر ڏکيائي ۾ پاڪستان جو ساٿ ڏنو، جنهن لاءِ سندن شڪرگذار آهيون: شهباز شريف

وزيراعظم شهباز شريف ۽ حڪومت هڪ تير سان ٻه پکي ماريا، ماڻهن کي اهو به ڏيکاريو ويو آهي ته دنيا پاڪستان جي ڪهڙي دلدل سان مدد ڪئي: بلاول ڀٽو زرداري

اسان جا اعلان اهو تاثر ڏين ٿا ته امداد ملڻ بعد سمورا مسئلا حل ٿي ويا آهن، پر ائين ناهي، اڄ به ٻوڏ متاثرين ڏکيائين ۾ آهن ۽ بي گهر آهن، زراعت کي نقصان پهتو آهي، مسئلا به آهن

اسلام آباد (م ر) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته جنيوا ڪانفرنس ۾ انتهائي ڪامياب ثابت ٿي ۽ مختلف ملڪن ۽ مالياتي ادارن طرفان نوڏهائي ست ارب ڊالر جي امداد جا واعدا ڪيا ويا آهن. اسلام آباد ۾ وفاقي وزيرن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي وزيراعظم چيو ته جنيوا ڪانفرنس انتهائي ڪامياب ثابت ٿي، ڪانفرنس جي ڪاميابي قوم جي دعائن جو نتيجو آهي. هن چيو ته اها ڪاميابي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

جنيوا: وزيراعظم شهباز شريف جنيوا ۾ اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي وارن لاءِ بجلي 7.43 روپيه في يونٽ سستي، نوٽيفڪيشن جاري

ڪي اليڪٽرڪ 7 روپيه 04 پئسا في يونٽ گهٽتائي جي درخواست ڪئي هئي

پوءِ اٿارٽي 27 ڊسمبر 2022ع تي ايف سي اي تي عوامي ٻڌڻي ڪئي هئي

ڪراچي (م ر) نيپرا ڪي اليڪٽرڪ جي نومبر جي ماهوار فيول چارجز ايڊجسٽمنٽ جي مد ۾ 7 روپيه 43 پئسا في يونٽ گهٽتائي جي منظوري ڏني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي ۾ رهندڙ جاپاني عورت جو لاش مليو

لاش جو اطلاع ملڻ تي پوليس موقعي تي پهچي لاش کي ايڌي حوالي ڪيو

پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ ڪانپوءِ ئي ڪارڻ جي ڄاڻ ملندي: ريسڪيو اختياريون

ڪراچي (رپورٽر) روشنين جي شهر ڪراچيءَ جي سول لائين ۾ قائم رهائشي عمارت جي ٽين ماڙ تان فليٽ ۾ رهندڙ پرڏيهي عورت جو لاش مليو آهي. رپورٽ موجب لاش جو اطلاع ملڻ تي پوليس موقعي تي پهچي لاش کي ايڌي حوالي ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

لاهور: گهرو وزير راڻا ثناءُ الله پريس ڪانفرنس ڪندي

پنجاب حڪومت واپس وٺي ٿي اسلام آباد ويندس: راڻا ثناءُ الله

وڏي وزير کي 20 کان 22 ڏينهن جو وقت ڏنو ويو، جيڪڏهن سندن سڄو ڌيان ماسٽر پلان جي منظوري تي هو ته اسان جي عدالت کي درخواست آهي ته جلد فيصلو ڏئي

اهو ڪيس ته جيئن اقليتي حڪومت عوام تي مسلط نه ٿئي، عمران خان ملڪ جي سياست ۾ هڪ ولن آهي جنهن ماڻهن کي خراب اخلاق سيکاريو، منهنجي گاڏي تي جوتا ماراويا

جنهن شخص جوتا مارا ان کي اسان جي ڪارڪنن چڱي ريت ماريو، جنهن جو مون کي افسوس آهي پر هو غريب آهي، مظلوم ۽ بي شرم ماڻهوءَ جي هٿان گمراهه ٿي ويو

لاهور (م ر) گهرو وزير راڻا ثناءُ الله جو چوڻ آهي ته هو پنجاب حڪومت کي واپس وٺي اسلام آباد ويندس. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله چيو ته وڏي وزير کي 20 کان 22 ڏينهن جو وقت ڏنو ويو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري سان ايڊمنسٽريٽر ڪراچي سيف الرحمان ملاقات ڪندي

مهانگائي 70ع واري ڏهاڪي ڪانپوءِ بلند ترين سطح تي آهي: ورلڊ بئنڪ

يوڪرين ـ روس جنگ سميت ڪيترن ئي سببن جي ڪري عالمي معيشت سست رفتاري جو شڪار آهي

هلندڙ مالي سال ۾ ٻوڏ سبب پاڪستان جي معاشي ترقي جي شرح 2 سيڪڙو رهڻ جو امڪان آهي

اسلام آباد (م ر) عالمي بئنڪ جو چوڻ آهي ته پاڪستان جي معيشت سخت مسئلن جو شڪار آهي ۽ ملڪ ۾ مهانگائي 1970ع کان پوءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: ضلعي اوير ۾ رينجرز ۽ پوليس جو ڪومبنگ آپريشن

ڪومبنگ آپريشن ڪراچي پوليس چيف جي خاص هدايتن ۽ ڌوهاري عنصرن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيو ويو

سرچ آپريشن ۾ پوليس ايس ايڇ اوز، ايس ڊي پي اوز ۽ رينجر آفيسرن ۽ اهلڪارن حصو ورتو: عبدالرحيم شيرازي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي جي علائقي اوير ۾ رينجرز ۽ پوليس پاران ڌوهارين جي خاتمي لاءِ ڪومبنگ آپريشن ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي ايسٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

رُپئي جي ڀيٽ ۾ ڊالر وڌيڪ مهانگو ٿي ويو

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر پنج پئسا واڌ بعد 227 رُپيا 88 پئسن جو ٿي ويو آهي

اوپن مارڪيٽ ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر 228 رُپين جو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ واڌ جو سلسلو اڄ به جاري رهيو. اسٽيٽ بئنڪ طرفان جاري ڪيل انگ اکرن موجب انٽر بئنڪ ۾ ڊالر پنج پئسا واڌ بعد 227 رُپيا 88 پئسن جو ٿي ويو آهي، انڪانسواءِ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: اليڪشن آفيس ٻاهران ايم ڪيو ايم پاڪستان جون عورتون احتجاج ڪندي

مڪاني چونڊون: چيف اليڪشن ڪمشنر سنڌ جو آءِ جي کي سيڪيورٽي لاءِ خط

سنڌ ۾ مڪاني ادارن جي چونڊن جي ٻئي مرحلي ۾ 15 جنوري تي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ پولنگ ٿيندي

اليڪشن ڪمشنر سنڌ سيڪيورٽي جي صورتحال برقرار رکڻ لاءِ آءِ جي سنڌ کي خط به لکي ڇڏيو آهي

اسلام آباد (م ر) چيف اليڪشن ڪمشنر بلدياتي چونڊن جي سلسلي ۾ سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن کي ڪراچي پهچڻ جي هدايت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

نيپرا ڪراچي واسين لاءِ بجلي سستي ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

بجلي سستي ٿيڻ جو باضابطا نوٽيفڪيشن اڄ جاري ٿيڻ جو امڪان آهي

جنهن بعد ڪراچي جي واهپيدارن کي ڊسمبر جي بلن ۾ وڌو رليف ملي ويندو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي واسين لاءِ في يونٽ بجلي ست رُپيا 43 پئسا سستي ڪئي وئي آهي. نيپرا ذريعن موجب ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

وڏي وزير وٽ 24 ڪلاڪ، 186 ميمبرن جي حمايت لازمي: عدالت

لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس عابد عزيز شيخ جي سربراهي ۾ 5 رڪني بينچ چوڌري پرويز الاهي کي وڏي وزير جي عهدي تان هٽائڻ خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

ٻڌڻي دوران جسٽس عابد عزيز پڇائو ڪيو ته ڇا معاملو حل ناهي ٿيو؟ سمورا معاملا عدالت ۾ حل ڪيا ويندا، عدالت پڇائو ڪيو ته هاڻي ڪهڙي پوزيشن آهي؟

گورنر، وڏي وزير کان اعتماد جو ووٽ گهري سگهجي ٿو، آخر ۾ اهو فيصلو ميمبرن تي آهي ته ڪير وڏو وزير بڻجي سگهي ٿو، تاريخ مقرر ڪري ڇڏينداسين

لاهور (م ر) لاهور هاءِ ڪورٽ جو چوڻ آهي ته پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي جو وڪيل ٻڌايو ته اعتماد جو ووٽ وٺڻ لاءِ ڪيترو وقت گهرجي، تاريخ طئي ڪنداسين. لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عابد عزيز شيخ جي سربراهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سکر: مهانگائي جي خلاف حاجي محمد جاويد ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

مهانگائي جي طوفان کي روڪڻ ۾ حڪمران مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪا آهن، حڪمران عوام کي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪري رهيا آهن: جاويد ميمڻ

اٽي جي روزاني جي بنياد تي اگهن ۾ اضافو ٿيندو رهيو آهي، سنڌ حڪومت سستي اٽي جا اعلان رڳو سياسي اعلان آهن، عوام اٽي جي لاءِ روڙن تي خوار ٿي رهي آهي

دڪانن تان 10 ڪلو اٽو 1600 روپيا جڏهن ته في ماني 25 روپين ۾ وڪامجي ٿي، فوڊ کاتو ۽ پرائيز ڪنٽرول کاتو ڪرپشن جا شهنشاهه بڻجي چڪا آهن

سکر (رپورٽر) سکر ڊيولپمينٽ الائنس پاران وڌندڙ مهانگائي جي خلاف چيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاجي ريلي صراف بازار کان ڪڍي وئي جيڪا شاهي بازار، شهيد گنج ۽ ٻين بازارن کان ٿيندي گهنٽا گهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سال 2023 لاءِ دنيا جي سگهارن پاسپورٽن جي فهرست جاري

ڪراچي (رپورٽر) هلندڙ سال لاءِ سڄي دنيا جي طاقتور ترين پاسپورٽن جون ٻه ڌار ڌار فهرستون جاري ڪيون ويون آهن ۽ ٻنهي ۾ پاڪستان سڀ کان آخري نمبرن تي آهي. آرٽن ڪيپيٽل طرفان جاري ڪيل دنيا جي سگهارن پاسپورٽس جي فهرست ۾ گڏيل عرب رياستن جو ٽالو سرِ فهرست آهي. اهڙي نموني هينلي انڊيڪس جي 2023 جي فهرست ۾ جپاني پاسپورٽ کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاهور: پنجاب حڪومت جي ترجمان مسرت جمشيد چيمه پريس ڪانفرنس ڪندي

پ پ اميدوارن جي ڪارنر گڏجاڻي، معززين جي ڀرپور سپورٽ جو واعدو

پ پ عوامي پارٽي آهي جنهن ڪري ماڻهو پ پ کي ووٽ ڏيندا آهن، بلدياتي اليڪشن ۾ سهراب ڳوٺ ٽائون جي يوسي 7 تي ڪامياب ٿي عوام لاءِ خدمت ڪندا رهنداسين

پارٽي پاران اسان کي ٽڪيٽون ڏيئي نامزد ڪيو ويو آهي اسان ڪامياب ٿي يوسي جي عوام لاءِ ڪم ڪنداسين، پاڪستان پيپلزپارٽي واحد پارٽي آهي

پارٽي اسان تي اعتماد ڪندي ٽڪيٽون ڏنيون آهن اسان عوام جي ووٽ سان ڪامياب ٿي پنهنجي علائقي جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪنداسين

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سهراب ڳوٺ ٽائون جي يوسي 7 جي پ پ اميدوارن چيئرمين چوڌري فاروق زمان، وائيس چيئرمين مير عمران بروهي، جنرل ڪائونسلر وارڊ نمبر 2 بادل خان جتوئي، ۽ ٻين وارڊ 2 جي جتوئي برادري سان ڪارنر گڏجاڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڊجيٽل آدمشماري تي خدشا، فارم ۾ غير مقامي ماڻهن جو خانو هجڻ گهرجي: ساجاهر رند

10 سالن جي عرصي کان اڳ ڪنهن جماعت جي فرمائش تي آدمشماري ڪرائڻ غير آئيني عمل هوندو، سنڌ ٻوڏ واري صورتحال ۾ آهي، لکين ماڻهو بي گهر ٿيل آهن

سنڌ جو سڀ کان وڏو مسئلو هتي ڌارين جي موجودگي آهي، ڌارين جي ڳڻپ ضرور ٿيڻ گهرجي ته جيئن خبر پئجي سگهي ته سنڌ تي ڌارين جو ڪيترو بار آهي

آدمشماري ۾ سدائين سنڌ جي آبادي گهٽ ڏيکاري ويندي رهي آهي، آدمشماري واري مرحلي ۾ سنڌ جي ماڻهن کي متحرڪ رهڻ گهرجي، ٻوليءَ جي خاني ۾ سنڌي لکرائين

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ جي سماجي سائنس جي تجزئي نگار ۽ دانشورن چيو آهي ته 10 سالن جي عرصي کان اڳ ڪنهن جماعت جي فرمائش تي آدمشماري ڪرائڻ غير آئيني عمل هوندو، سنڌ ٻوڏ واري صورتحال ۾ آهي، لکين ماڻهو بي گهر ٿيل آهن. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

شاهه لطيف ڪالوني ۾ بدامني ۽ چورين جو آزار گهٽجي نه سگهيو، رهواسي راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ صائم پلازه ويجهو شاهه لطيف ڪالوني ۾ بدامني جو آزار گهٽجي نه سگهيو، چورين ۽ ڦرون روز جو معمول بڻيل، جڏهن ته حد جي پوليس به اڳهور ننڊ ستل هجڻ سبب رهواسي راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا. جڏهن ته شاهه لطيف ڪالوني ۾ چورين جي آزار ۽ بدامني خلاف ميڊيا ۾ خبرون هلڻ باوجود ڀچاري ٿاڻي جي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سکر: ايوان صنعت و تجارت سکر جو صدر بلال خان ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪندي

امداد ملڻ بعد به سمورا مسئلا حل نه ٿيندا، سرنديءَ وارا ٻوڏ متاثرن جي سار لهن: بلاول

ڊونرز ڪانفرنس جي ڪاميابي تي وزيراعظم کي مبارڪون پيش ڪيان ٿو ته سندس پرڏيهي پاليسي ڪامياب ٿي وئي آهي

اسان گذريل اٺن مهينن کان جيڪا محنت ۽ ڪوششون ڪري رهيا هئاسين اُهي هاڻي اثر ڏيکاري رهيون آهن: پرڏيهي وزير

اسان جي ڪاميابي آهي ته اسان هدف کان وڌيڪ رقم گڏ ڪئي، اوڀر کان اولهه تائين سڄي دنيا اسان جي مدد ڪئي

اسلام آباد (م ر) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ڊونرز ڪانفرنس جي ڪاميابي تي وزيراعظم کي مبارڪون پيش ڪيان ٿو ته سندس پرڏيهي پاليسي ڪامياب ٿي وئي آهي. اسلام آباد ۾ وزيراعظم ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي پرڏيهي وزير چيو ته اسان گذريل اٺن مهينن کان جيڪا محنت ۽ ڪوششون ڪري رهيا هئاسين اُهي هاڻي اثر ڏيکاري رهيون آهن. اسان جي ڪاميابي آهي ته اسان هدف کان وڌيڪ رقم گڏ ڪئي، اوڀر کان اولهه تائين سڄي دنيا اسان جي مدد ڪئي. هن چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري پريس ڪانفرنس ڪندي

مونس الاهي جو ويجهو دوست احمد فاران گهر پهچي ويو

لاهور (م ر) مسلم ليگ (ق) جي اڳواڻ مونس الاهي جو ويجهو دوست احمد فرزان خان گهر پهچي ويو. احمد فرقان خان 4 ڏينهن اڳ گارڊن ٽائون مان گم ٿيو هو ۽ مسلم ليگ (ق) جي اڳواڻ مونس الاهي جو ويجهو دوست آهي. احمد فرزان خان کي رات دير سان 2 گاڏين ذريعي گهر ٻاهران ڇڏيو ويو هو. لاهور هاءِ ڪورٽ واقعي جو نوٽيس وٺندي سي پي او احمد فاران کي بازياب ڪرائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پ پ اميدوارن جي ڪارنر گڏجاڻي، معززين جي ڀرپور سپورٽ جو واعدو

پ پ عوامي پارٽي آهي جنهن ڪري ماڻهو پ پ کي ووٽ ڏيندا آهن، بلدياتي اليڪشن ۾ سهراب ڳوٺ ٽائون جي يوسي 7 تي ڪامياب ٿي عوام لاءِ خدمت ڪندا رهنداسين

پارٽي پاران اسان کي ٽڪيٽون ڏيئي نامزد ڪيو ويو آهي اسان ڪامياب ٿي يوسي جي عوام لاءِ ڪم ڪنداسين، پاڪستان پيپلزپارٽي واحد پارٽي آهي

پارٽي اسان تي اعتماد ڪندي ٽڪيٽون ڏنيون آهن اسان عوام جي ووٽ سان ڪامياب ٿي پنهنجي علائقي جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪنداسين

ڪراچي (رپورٽر) سهراب ڳوٺ ٽائون جي يوسي 7 جي پ پ اميدوارن چيئرمين چوڌري فاروق زمان، وائيس چيئرمين مير عمران بروهي، جنرل ڪائونسلر وارڊ نمبر 2 بادل خان جتوئي، ۽ ٻين وارڊ 2 جي جتوئي برادري سان ڪارنر گڏجاڻي ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ماڻهن کي ڏيکاريو پيو وڃي ته عمران خان تي ريڊ لائن لڳائي وئي آهي: پي ٽي آءِ چيئرمين

انهن پاڪستان کي اتي بيهاري ڇڏيو آهي جو آءِ ايم ايف جا شرط مڃڻا پوندا، ماڻهن کي ڏيکاريو پيو وڃي ته عمران خان ريڊ لائن لڳائي وئي آهي

چورن جي حڪومت سبب پاڪستان دنيا ۾ پوئتي رهجي ويو، ملڪ ۾ مهانگائي وڌي رهي آهي، فيڪٽريون بند ٿي رهيون آهن

30 سالن تائين ٻه خاندان ملڪ لُٽيندا رهيا، اسان کي چونڊن جي تياري ڪرڻ گهرجي، اسان عمران خان کي مائنس ڪري ڇڏيو آهي

لاهور (م ر) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان اتحادي حڪومت تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته انهن پاڪستان کي اتي بيهاري ڇڏيو آهي جو آءِ ايم ايف جا شرط مڃڻا پوندا. جڏهن ته ماڻهن کي ڏيکاريو پيو وڃي ته عمران خان ريڊ لائن لڳائي وئي آهي. وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندي عمران خان چيو ته چورن جي حڪومت سبب پاڪستان دنيا ۾ پوئتي رهجي ويو، ملڪ ۾ مهانگائي وڌي رهي آهي، فيڪٽريون بند ٿي رهيون آهن. 30 سالن تائين ٻه خاندان ملڪ لُٽيندا رهيا. اسان کي چونڊن جي تياري ڪرڻ گهرجي. سندس چوڻ هو ته ماڻهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪامياب سفارتڪاري کي پنڻ سان تشبيهه ڏيڻ ملڪ ۽ قوم جي توهين برابر آهي: شرجيل انعام ميمڻ

وزيراعظم شهباز شريف ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي وطن جي ٻوڏ متاثرن لاءِ ماحولياتي انصاف جو مقدمو عالمي برادري سامهون ڪاميابي سان پيش ڪيو آهي

ڪامياب سفارتڪاري کي پنڻ سان تشبيهه ڏيڻ ملڪ ۽ قوم جي توهين برابر آهي، پرڏيهي وزير جي حيثيت سان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي باوقار سفارتڪاري جي دنيا معترف آهي

ڏاهپ، محنت ۽ بهادريءَ سان ڪيس پيش ڪرڻ جي وراثت چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي رت ۾ شامل آهي، عمران خان جهڙا ماڻهون چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي وقار ۽ معيار کي پرکڻ کان عاري آهي

بلاول جي ڪاوشن ۽ محنت سان پاڪستان وڏي ڪاميابي ماڻي آهي، جنيوا ڪانفرنس حڪومت پاڪستان ۽ دنيا جي سڀني کان وڏي آرگنائيزيشن گڏيل قومن جي گڏيل ميزباني ۾ منعقد ڪئي وئي

عالمي برادري پاڪستان جي ڪال تي انتهائي مثبت انداز ۾ جواب ڏنو آهي، خان صاحب ڪيستائين توهان ۽ توهان جي جماعت پاڪستان جي ايجنڊي ۽ مفادن خلاف سازشون ڪندا رهندا

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات وارو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، عمران خان ۽ پي ٽي آئي اڳواڻن پاران ڊونرز ڪانفرنس بابت ڏنل بيانن جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل ميمڻ صحافتين تنظيمن جي عهديدار لالا اسد پٺاڻ کي فنڊز جو چيڪ ڏيندي

شرجيل انعام ميمڻ سي پي اين اي کي 1 ڪروڙ، پي ايف يو جي کي 50 لک روپين جا انڊومينٽ فنڊ جا چيڪ ڏئي ڇڏيا

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات کاتي واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪونسل آف پاڪستان نيوز پيپرز ايڊيٽرز (سي پي اين اي) ۽ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس (پي ايف يو جي) کي سنڌ حڪومت پاران انڊومينٽ فنڊز جا چيڪ پيش ڪري ڇڏيا. سي پي اين اي جي جنرل سيڪريٽري عامر محمود، فنانس سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پرويز الاهي جي عمران خان سان ملاقات، سياسي صورتحال ۽ اعتماد جي ووٽ تي مشورا

فرحان خان کي پارٽي ايجنٽ سمجهي زخمي ڪيو ويو، پاڪستان سان محبت ڪندڙن جو ڏوهه ڪهڙو آهي

وفاقي حڪومت سياسي انتقام ۾ انڌي ٿي چڪي آهي، حڪومت آئين ۽ قانون جون ڌڄيون اڏائي ڇڏيون آهن

پنجاب ۾ وفاقي حڪومت جي سازش ناڪام ٿي چڪي آهي، پي ٽي آءِ ۽ ق ليگ جا اسيمبلي ميمبر متحد آهن

لاهور (م ر) پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان سان ملاقات ڪئي آهي. لاهور جي زمان پارڪ ۾ ٿيندڙ ملاقات ۾ سياسي صورتحال ۽ اعتماد جي ووٽ بابت مشورا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

لاهور ڪٽڪ ڪانپوءِ ڪڪڙ جي گوشت جي قيمت ۾ وڏي گهٽتائي

اڄ مرغي جي گوشت جي قيمت ۾ 70 رپيا في ڪلو گهٽتائي ٿي آهي، مرغي جي گوشت جو اگهه 504 رپيا في ڪلو ٿي ويو آهي

انڊين جي قيمت ۾ گهٽتائي نه ٿي آهي ۽ قيمت 289 رپيا في ڪلو رهي آهي، پنجاب ۾ ڪٽڪ جو اگهه وڌيڪ گهٽجي 3800 رپيا ٿي ويو

ڏکڻ پنجاب ۾ ڪٽڪ جو اگهه 3500 رپيا آهي، اٽي جي اگهه ۾ گهٽتائي باوجود مارڪيٽ ۾ اٽي جو اگهه گهٽ نه ٿي سگهيو

لاهور (م ر) لاهور ۾ ڪٽڪ ڪانپوءِ ڪڪڙ جي گوشت جو اگهه به گهٽجي ويو مارڪيٽ اعلان موجب اڄ مرغي جي گوشت جي قيمت ۾ 70 رپيا في ڪلو گهٽتائي ٿي آهي. مرغي جي گوشت جو اگهه 504 رپيا في ڪلو ٿي ويو آهي، پر انڊين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پشين ۾ روڊ حادثو: بلوچستان ڪانسٽيبلري جو ڊي ايس پي خاندان سميت اجل جو شڪار

اين 50 هاءِ وي تي زيارت ڪراس ويجهو ڪوئيٽا کان پنجاب ويندڙ ڪار ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر ٿي پيو، حادثو ڪوهيڙو وڌي وڃڻ سبب پيش آيو

پشين ۾ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويلن جي سڃاڻپ ڊي ايس پي بلوچستان ڪانسٽيبلري ۽ سندس گهرڀاتين جي نالن سان ٿي آهي

حادثي ۾ بلوچستان ڪانسٽيبلري لورالائي جي ڊي ايس پي مختار ملغاڻي، سندس گهرواري، پٽ ۽ 2 ڌيئرون فوت ٿي ويون: ذريعا

پشين (م ر) پشين ۾ ٿيندڙ روڊ حادثي ۾ بلوچستان ڪانسٽيبلري لورالائي جو ڊي ايس پي مختار ملغاڻي گهر واري ۽ 3 ٻارن سميت اجل جو شڪار ٿي ويو. ليويز ذريعن موجب پشين ۾ خانوزئي واري علائقي ڳوال ۾ گاڏي ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

لاهور: وزيراعظم جو صلاحڪار عطاالله تارڙ پريس ڪانفرنس ڪندي

عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگئيج انجنيئرنگ جي بورڊ جو پهريون اجلاس ٿي گذريو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي ثقافت ۽ تعليم جي صوبائي وزير سيد سردار شاهه جي صدارت هيٺ عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگئيج انجنيئرنگ جي بورڊ جو پهريون اجلاس ڪراچي ۾ منعقد ٿيو صوبائي وزير سردار شاهه بورڊ جي چيئرمين طور صدارت ڪئي ان کان علاوه سيڪريٽري ثقافت سنڌ ڊاڪٽر نسيم الغني سهتو سنڌي لينگئيج اٿارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

شيخ پرڪيو پرسان اٽي جي قيمتن ۾ مسلسل واڌ خلاف احتجاجي مظاهرو

شهيد پتو جاڳو پيپل سولنگي اتحاد پاران رياض لغاري امين سولنگي ڊاڪٽر گلاب راءِ ڀيل بادشاهه سولنگي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

مهانگائي جو جن بوتل مان ٻاهر نڪري ريو آهي روزمره جي استعمال ۾ ايندڙ شين جا اگهه چوٽ چڙهيل آهن: مظاهرين

شهر ۾ سستي اٽي جو اسٽال لڳائي غريبن کي رليف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

ٽنڊو محمد خان(ٻر مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو پرسان مشين اسٽاپ تي پ پ پ شهيد پتو ۽ جاڳو پيپل سولنگي اتحاد پاران اٽي جي قيمتن ۾ مسلسل واڌ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي شهيد پتو جاڳو پيپل سولنگي اتحاد پاران رياض لغاري امين سولنگي ڊاڪٽر گلاب راءِ ڀيل بادشاهه سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻن اڳواڻن جو چوڻ هو ته ملڪ ۾ مهانگائي جو جن بوتل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊو محمد خان: شيخ پرڪيو پرسان اٽي جي قيمتن ۾ مسلسل واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ايوان صحافت پريس ڪلب
ميرپور ماٿيلو جي سال
2023 جي چونڊ

ميرپور ماٿيلو(رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: ايوان صحافت پريس ڪلب ميرپور ماٿيلو جي سال 2023 جي چونڊ، صدر سيد افضل شاهه، سينئر نائب صدر هادي بخش جلباڻي، جنرل سيڪريٽري دين محمد لاشاري چونڊجي ويا، صحافين هميشه حق ۽ سچ جو آواز بلند ڪيو آهي، صحافي هر وقت غريب ۽ مظلوم ماڻهن جو ساٿ ڏنو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٺٽو: بلدياتي اليڪشن جي ٻئي مرحلي ۾ اميدوارن پارنا ڊوڙ ڊڪ تيز

مختلف وارڊن تي بيٺل آزاد اميدوارن جن جي قيادت سيد جاويد شاهه ۽ ٻين پاران ورڪ شروع

مختلف پارٽيز ۽ آزاد اميدوارن کي مختلف هيلن بهانن سان هٿ ڪٽائڻ لاءِ به سلسلو جاري

ٺٽو(جاويد ميمڻ)سنڌ ۾ ٿيندڙ بلدياتي اليڪشن جي ٻئي مرحلي ۾ ٺٽي شهر جي ميونسپل ڪميٽي ٺٽو جي ٽوٽل 9 وارڊن مان 7 وارڊن تي اليڪشن ۾ آزاد اميدوارن پاران سرگرميون ۽ ورڪ تيز ٺٽي شهر جي مختلف وارڊن تي بيٺل آزاد اميدوارن جن جي قيادت سيد جاويد شاهه ڪري رهيو جنهن ۾ مختلف اميدوار جنهن ۾ ناصر عباسي. اظهر گاهيو. شهروز چانگ . سيد نواز علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

واره ۾ لاڙڪاڻو بورڊ پارنا امتحاني فيس وڌائڻ خلاف شاگردن طرفان احتجاج، نعريبازي

هائر سيڪنڊري اسڪول جي شاگردن طرفان اسڪول کان تعلقه پريس ڪلب واره تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي شاگردن جون فيسون وڌائي اسان غريب شاگردن کان تعليم جو حق کسيو ويو آهي: مظاهرين جون دانهون

هن وقت هٽرادو ٻوڏ سبب اسان جا والدين گهر جو خرچو پورو ڪرڻ لاءِ پريشان آهن. نوٽيس وٺي شاگردن کي انصاف ڏياريو وڃي: مطالبو

واره(رپورٽ طالب حسين جانڊيو) واره لاڙڪاڻو بورڊ طرفان امتحاني فيس وڌائڻ خلاف شاگردن طرفان احتجاج واره هائر سيڪنڊري اسڪول جي شاگردن طرفان اسڪول کان تعلقه پريس ڪلب واره تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

واره: لاڙڪاڻو بورڊ پارنا امتحاني فيس وڌائڻ خلاف شاگردن طرفان احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪراچي ضلعي ايسٽ ۾ سنڌ بلڊنگ
ڪنٽرول اٿارٽي جي عملدارن رشوت
جي بازار گرم ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ضلعي ايسٽ ۾ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي عملدارن طرفان رشوت جي بازار گرم ڪري ڇڏي 28 ڏينهن اڳ ايس بي سي اي عملدارن ٽيچر سوسائٽي ۾ قائم ٽيل دي ايشيئن اسڪول کي غيرقانوني ڄاڻائي سيل ڪري ڇڏيو هو رشوت وٺڻ بعد اسڪول کي کوليو ويو خبرموجب ڪراچي ۾ سنڌ بلڊن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٺٽو: 3 ڏينهن اڳ جيلاني هائوس مڪلي تي مقرر پوليس اهلڪار بيدردي سان قتل

جوابدار ڪيس بيدردي سان گولين هڻي قتل ڪري سندس لاش قبرستان پرسان پاڻي جي کڏي ۾ اڇلائي ويا

سندس لاش قبرستان پرسان پاڻي مان مليو، لاش پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال مڪلي منتقل ڪيو ويو

نوجوان پوليس اهلڪار امجد گندرو کي شهيد قرار ڏئي سندس وارثن کي سموريون مراعتون ڏنيون وڃن: وارث

ٺٽو(ٻر) 3 ڏينهن اڳ جيلاني هائوس مڪلي تي مقرر پوليس اهلڪار بيدردي سان قتل، سندس لاش قبرستان پرسان پاڻي مان مليو، لاش پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال مڪلي منتقل، تفصيل موجب 3 ڏينهن اڳ پوليس اسٽيشن ڪينجهر کان بدلي ڪري پوليس اسٽيشن مڪلي تي مقرر ٿيل ڪينجهر يند ڪنيو مياڻ ڳوٺ عبدالله گندرو جو رهواسي پوليس اهلڪار امجد گندرو جيلاني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

شڪارپور ۾ اٽي جي کوٽ بابت ڪمشنر لاڙڪاڻو جي صدارت ۾ اجلاس منعقد

ڊپٽي ڪمشنران ڳالهه کي يقيني بڻائين ته پنهنجي نگراني ۾ ورهاست ڪرائين: ڪمشنر لاڙڪاڻو گهنور خان لغاري

سبسڊي جا ٻارنهن هزار ڏهه ڪلو جا بيگ جي ڪوٽا آهي. فلور ملن جي پيداواري گنجائش تحت اٽي جي ورهاست ٿيندي

شڪارپور ۾ هڪ مهيني ۾ سئو ڪلو جي ٻورين جي ڪوٽا جو تعداد 62,000 هزار ڪوٽا آهي : اجلاس کي خطاب

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) حڪومت سنڌ عوام کي اٽي جي مد ۾ ٻاويه ارب رپين جي سبسڊي فراهم ڪري رهي آهي ۽ لاڙڪاڻو ڊويزن ۾ هڪ ڏينهن ۾ سبسڊي جي لحاظ کان ڏهه ڪلو جا ستاويهه هزار هڪ سئو بيگ ورهايا ويندا .اها ڳالهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شڪارپور: اٽي جي کوٽ بابت ڪمشنر لاڙڪاڻو جي صدارت ۾ اجلاس منعقد ڪيو ويو

باڍاڻ ۾ صحافي محب وطن
نوجوان نجم الدين ڪوري جي
39هين سالگرهه تقريب

باڍاڻ(رپورٽر) سنڌ پريس ڪلب باڍاڻ آفيس ۾ صحافي محب وطن نوجوان نجم الدين ڪوري جي 39هين سالگرهه سهڻي انداز سان ملهائي وئي ۽ آيل دوستن گلن جا هار پارائي تحفا ڏنا .ان موقعي تي سينئر صحافي سرائي امتياز ڪولاچي، سينئر صحافي دانش ابڙو، سينئر صحافي نظام الدين ڪولاچي، لالا سجاد پنهان، الطاف حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

اسلام ڪوٽ ۾ نشي ۾ ڌت پوليس اهلڪار غريب جوڳين تي هٿيار تاڻي ورتا

عورتن ۽ ٻارڙن ۾ ڪيهاڪ،رڙيون ٻڌي پهتلن کي به اهلڪار جون ڌمڪيون،جوڳين جو احتجاج

پوليس جي اهلڪار سهيل ميگهواڙ ساٿين سان گڏ جوڳي برادرين تي بندوق تاڻي ڌمڪيون ڏنيون

اسان غريب ۽ مسڪين آهيون، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي: متاثر برادري

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ ۾ نشي ۾ ڌت پوليس اهلڪار غريب جوڳين تي هٿيار تاڻي ورتا،عورتن ۽ ٻارڙن ۾ ڪيهاڪ،رڙيون ٻڌي پهتلن کي به اهلڪار جون ڌمڪيون،جوڳين جو احتجاج. خبرموجب :اسلام ڪوٽ شهر جي راجپوت پاڙي ۾ نشي ۾ ڌت پوليس اهلڪار غريب جوڳين تي سرڪاري هٿيار تاڻي ورتا،پوليس جي اهلڪار سهيل ميگهواڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڏهرڪي ۾ مقامي ماڻهن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ، هيومن رائٽس پروٽيڪشن قيادت حرڪت ۾ اچي وئي

ايف ايف سي ماڙي پيٽروليم ڪمپني ۽ اينگرو يوريا ڪمپني پاران مقامي ماڻهن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ اختيار ڪيو پيو وڃي: مفتي نعمت الله ڪولاچي

مقامي ماڻهن لاءِ روزگار جا دروازا بند ڪري سيپر سيڪورٽي گارڊ خادم مسجد کان وٺي سمورين پوسٽن تي ڌارين جي لوڊ ڀرتي ڪري ڇڏي آهي

هاڻي ته مقامي ماڻهن لاءِ ڊيلي ويجز مزدوري جا دروازا به بند ڪري ناانصافي جي حد ڪري ڇڏي آهي جيڪو مقامي ماڻهن سان ظلم آهي: ڳالهيون

ڏهرڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي) گهوٽڪي ضلعي جي صنعتي ادارن ايف ايف سي ماڙي پيٽروليم ڪمپني ۽ اينگرو يوريا پاران مقامي ماڻهن کي نظرانداز ڪرڻ رائيلٽي ، سي ايس آر فنڊ خرچ نه ڪرڻ ۽ مقامي ماڻهن کي رليف فراهم نه ڪرڻ فضائي آلودگي کي وڌائڻ ۽ زهريلو پاڻي ڇڏڻ واري عمل خلاف هيومن رائٽس پروٽيڪشن فورم آف پاڪستان پاران عدالتن ۽ انساني حقن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڏهرڪي : صنعتي ادارن پاران مقامي ماڻهن کي نظر انداز ڪرڻ خلاف ڳالهيون ڪيون وڃن

گمبٽ ۾ احساس سوشل فورم
پاران معذور عورت کي ويل
چيئر ڏني وئي

گمبٽ(رپورٽر)احساس سوشل فورم وانگر ڪم ڪرڻ پوندو دنيا جا مالدار امير لاءِ خرچ ڪري ٻاڻ وٺائڻ لاءِ وڏيون وڏيون تياريون ڪري تقريبون منعقد ڪندا آهن ۾ احساس سوشل فورم غريب مسڪين ماڻهن لاءِ هر وقت پنهنجي وس آهر سامان تقسيم ڪندا سنڌن کي جس آهي خاص طور چيئرمين ميان سلمان عاطف ۽/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

شڪارپور ۾ مشهور شاعر ۽ استاد عبدالجبار "عاجز" جي سالگرهه تقريب

عبدالجبار "عاجز" منگي سان منهنجو انتهائي ويجهو رستو آهي : سرفراز "صدف"

عبدالجبار "عاجز" منگي بهترين طبيعت جو مالڪ آهي: عابد "نياز" جو خطاب

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) سنڌ سگند ادبي سنگت شڪارپور جي باني، محبتي انسان، مشهور شاعر ۽ استاد عبدالجبار "عاجز" منگي جو 51 هون جنم ڏينهن گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر ون ۾ ملهايو ويو جنهن ۾ عبدالجبار "عاجز" منگي کي گلن جا هار پارائي ڪتابن جا تحفا ڏنا ويا. ان موقعي تي ادبي گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندي نالي واري شاعر سرفراز "صدف" سومرو چيو ته: عبدالجبار "عاجز" منگي سان منهنجو انتهائي ويجهو رستو آهي. اٺون سالن جي دوستي جي تعلق کي مدنظر رکي چئي سگهان ٿو ته هو سچار، بردبار، ڪلش، ڳالهائڻ ۽ احساس رکندڙ شخص آهي. هن وٽ علم، ادب ۽ دوستن جو گهڻو قدر هوندو آهي. اعزازي مهمان عابد "نياز" /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز ۾ پريس ڪلب جون چونڊون

چونڊن دوران سمورا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا

اڳواڻن پاران چونڊجي آيل باڊي کي گلن جا هار ۽ اجرڪ پارايا

نوشهروفيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) پريس ڪلب نوشهروفيروز جي سال 2023ع جون چونڊون اليڪشن ڪميٽي جي چيئرمين زاهد راڄپر ۽ سيڪريٽري خادم حسين مري جي نگراني ۾ ٿيون جنهن ۾ سمورا اميدوار بنا مقابلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نئون ڪوٽ پرسان رحمان آباد واسي نوجوان جو لاش هٿ

علائقي واسين جي اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڊيپلو اسپتال آندو

ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي، نوجوان جي موت جو ٻڌي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

نئون ڪوٽ(رپورٽر)نئون ڪوٽ ويجهو ڪلوئي پوليس جي حد ميمڻ واٽر پرسان رحمان آباد واسي نوجوان جو لاش هٿ، نوجوان جي موت جو ڪارڻ معلوم نه ٿيو. خبر موجب رحمان آباد واسي نوجوان هريش ڪمار مهاراج جو نئونڪوٽ ڪلوئي روڊ پرسان ميمڻ واٽر وٽان لاش مليو علائقي واسين جي اطلاع تي ڪلوئي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڊيپلو اسپتال آندو، جتان ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو، نوجوان جي موت جو ٻڌي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. ان حوالي سان نوجوان جي پيءُ پڳوان داس مهاراج ٻڌايو ته اسان جي ڪنهن سان دشمني ناهي، خبر ناهي نوجوان جو موت ڪيئن ٿيو. نوجوان گهر جو سامان وٺڻ لاءِ نئون ڪوٽ ويل هو جيڪو واپس نه موٽيو، جنهن جي اسان صبح اٿي ڳولا ڪئي ته لاش ملڻ جا اطلاع مليا، نوجوان کي ڇهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

اوٻاڙو پرسان ٻاٿرن جي زيادتين ڳوٺاڻا سراپا احتجاج بڻيل

جوابدار اسان مٿان ڪوڙو جرڳي جو الزام هڻي ڪيس کان هٿ ڪڍائڻ چاهي ٿو: ڳوٺاڻا

روپوش جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

اوٻاڙو(رپورٽ غلام علي رند)اوٻاڙو ويجهو ڳوٺ غلام حيدر رند ۾ ٻه سال اڳ ٻاٿر جوابدار وڏيرو حضورو رند جي واڻن صفدر رند لرنگ رندايوب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سنڌ ۾ اٽي جي کوٽ هٽرادو پيدا ڪئي وئي آهي: حسن مرزا

فوڊ کاتي وارن گدامن ۾ پيل ڪڻڪ وڪڻي ڇڏي آهي، غريب طبقو پريشان آهي

سنڌ ۾ سرڪاري گدامن مان اربن رپين جي ڪڻڪ چوري ڪئي وئي آهي

ٽنڊوباگو(رپورٽ: سهيل سمون) سنڌ اسيمبلي ۾ جي ڊي اي جي پارليماني ليڊر ۽ ايم پي اي ٽنڊوباگو حسنين مرزا ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ ۾ اٽي جي کوٽ هٽرادو پيدا ڪئي وئي آهي. فوڊ کاتي وارن گدامن ۾ پيل ڪڻڪ وڪڻي ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

خانپورمهر پرسان ڪار موٽر سائيڪل کي ٽڪر هڻي ٻن ڄڻن کي ڪيني وئي

حادثي سبب معصوم نينگري ۽ سندس امڙ زخمي ٿي پيئي، وارثن جو احتجاج ڪيو ويو

گرفتار جوابدار ڦر سميت مختلف ڪيسن ۾ ملوث آهن وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي: پوليس

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ويجهو ڪار ۾ سوار خانپورمهر پوليس جي اهلڪارن موٽر سائيڪل کي ٽڪر هڻي ٻن ڄڻن کي ڪيني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

خانپورمهر: ڪار موٽر سائيڪل کي ٽڪر هڻي ٻن ڄڻن کي ڪيني وڃڻ بعد ٻاٿرن خلاف وارثن جو احتجاج

اوٻاڙو ۾ ڊي ايس پي جي اڳواڻي ۾ منشيات فروشن خلاف ڪاروائي

وڏي مقدار ۾ چرس آفيم 2 بغير ليسنس پسٽل ۽ ڀاري رقم هٿ ڪري 5 جوابدار گرفتار

گهڻن جوابدارن مٿان پوليس مقابلي جو به ڪيس داخل ڪيو ويو آهي : ذريعن جي دعويٰ

اوٻاڙو(رپورٽ غلام علي رند)اوٻاڙو لڳ چوڪماڙي ۾ 3 ڏينهن اڳ ڊي ايس پي اوٻاڙو جي اڳواڻي ۾ منشيات فروشن خلاف ڪاروائي ڪري وڏي مقدار ۾ چرس آفيم 2 بغير ليسنس پسٽل ۽ ڀاري رقم هٿ ڪري 5 جوابدار گرفتار ڪري ورتا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سيلارجا پرسان ڳوٺاڻن پاران قبرستان تي قبضو ۽ قبرن جي بيحرمتي خلاف احتجاج

ڳوٺ خان محمد نول جي رهواسين غيور عباس نول، خان محمد نول پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو

باٿر مصطفيٰ اسلامي وارن زبردستي هڪ جريب تي قبضو ڪيو آهي نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

سيلارجا(الطاف حسين پيٽو)سيلارجا پرسان ڳوٺاڻن جو قبرستان جي پلاٽ تي قبضو قبرن جي بيحرمتي ٿيڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو. جلد قبضوختم ڪرائڻ جي گهر تفصيلي خبر موجب سيلارجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سيلارجا : قبرستان تي قبضو ۽ قبرن جي بيحرمتي خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪندي

ملير ۾ صحافي ۽ اينڪر پرسن زوهيب زرداري جي سالگرهه تقريب

سالگرهه پروگرام ۾ فنڪار قومي گيت ڳائي محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

سنڌ جي تمام ضلعن ۾ زوهيب زرداري جهڙا ندر صحافي هجڻ گهرجن: مقرر

ڪراچي(رپورٽر)سينيئر صحافي اينڪر پرسن زوهيب زرداري جي سالگرهه تقريب ملير ميڊيا سينٽر ۾ ملهائي وئي، پروگرام ۾ فنڪار قومي گيت ڳائي محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا جڏهن ته ملير جي صحافين، سياسي سماجي اڳواڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

بدين پرسان لواري شريف ۾ فيض محمد قريشي نقشبندي جو عرس ملهايو ويو

تقريب جي آغاز ۾ ملڪ و قوم، پاڪ فوج ۽ ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون

ڪراچي، حيدرآباد، شهيد بينظيرآباد، لاڙڪاڻو قمبر، دادو سيتا سميت سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پڻ ملهايو ويو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين پرسان لواري شريف ۾ درگاهه عاليه لواري شريف جي اڳين سجاده نشين حضرت قبلا پير حاجي فيض محمد قريشي نقشبندي قدس سره جن جو 28 هون عرس مبارڪ نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

پ پ عوامي پارٽي آهي جنهن ڪري ماڻهو پ پ کي ووٽ ڏيندا آهن: فاروق زمان ۽ ٻيا

بلدياتي اليڪشن ۾ سهراب ڳوٺ ٽائون جي يوسي 7 تي ڪامياب ٿي عوام لاءِ خدمت ڪندا رهنداسين

پاڪستان پيپلزپارٽي واحد پارٽي آهي جيڪا عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ سڀني جماعتن کان اڳتي آهي

ڪراچي (رپورٽر) سهراب ڳوٺ ٽائون جي يوسي 7 جي پ پ اميدوارن چيئرمين چوڌري فاروق زمان، وائيس چيئرمين،مير عمران بروهي، جنرل ڪائونسلر وارڊ نمبر 2 بادل خان جتوئي، ۽ ٻين وارڊ 2 جي جتوئي برادري سان ڪارنر گڏجاڻي ڪندي 15/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪراچي : مقامي چونڊن جي مناسبت سان پ پ اڳواڻن جو منعقد ڪيل گڏجاڻي جو ڏيک

دڙو ۾ اٽي جي اگهه ۾ واڌ ۽ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف شهرين پاران احتجاجي مظاهرو

ننڍن وڏن شهرن ۾ ڪڻڪ جي اٽي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو، عام واهپي جي شين جا اگهه به چوٽ چڙهيل

اٽي جي اگهه ۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف مزدور اتحاد پاران پنجاري پل چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي

اٽي جي اگهه سميت عام واهپي جي شين جا اگهه گهٽائي غريب ۽ پورهيت طبقي کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي: مظاهرين

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ اٽي جي اگهه ۾ واڌ ۽ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف شهرين جو سخت احتجاج. دڙو شهر ۽ ڀرپاسي جي ننڍن وڏن شهرن ۾ ڪڻڪ جي اٽي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو، عام واهپي جي شين جا اگهه به چوٽ چڙهيل. بازار ۾ ڪڻڪ جو اٽو 160 رپيا في ڪلو جي حساب سان وڪرو ٿيڻ لڳو. گيهه، ڪکڙ، گوشت، سبزي ۽ روزمره جي ٻين شين جا اگهه به آسمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

دڙو: اٽي جي اگهه ۾ واڌ ۽ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو ۾ مڪاني اليڪشن جون
تياريون مڪمل عملي جي
تربيت مڪمل

دادو(ن سنڌيار) حيدرآباد ڊويزن جي ضلعي دادو ۾ مڪاني اليڪشن جون تياريون مڪمل عملي جي تربيت ٿي چڪي، حساس پولنگ اسٽيشن ۾ رينجرس جون خدمتون ورتيون وينديون پوليس سيڪيورٽي پلان فائنل ڪري ڇڏيو. مڪاني اليڪشن 2023 جي ٻئي مرحلي ۾ 15 جنوري ضلع دادو ۾ اليڪشن دوران امن/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڪي اين شاهه ۾ جانورن ۾ سٺي نسل جي ٻج رکرائڻ لاءِ هڪ روزه آگاهي ڪئمپ

جانورن ۾ سٺي نسل ۽ معياري ٻجن بابت ڄاڻ ڏني ۽ فائدا ٻڌايا آهن: ڊاڪٽر عبدالعزيز رستماڻي

ڍڳين کي مفت دوائون ڏنيون، جانورن کي بيمارين جي بچاءَ کان ٽڪا هنيا ويا، جانورن جو علاج ڪيو ويو

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ براڊڪشن دادو پاران چوپائي مال (جانورن) جي مالڪن جي ڀلائي خاطر جانورن جي اعلي نسل کي وڌائڻ لاءِ ٻج رکڻ جو آگاهي پروگرام ڏيڻ لاءِ هڪ ڏينهن واري ڪئمپ ڳوٺ دودو لغاري لڳ مهدي شاهه تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ تي گڏري، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ براڊڪشن دادو ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪراچي سميت سنڌ اندر پ پ عوام جي خدمت ڪئي آهي: آصف زرداري

برساتي ٻوڏ متاثرن کي پيپلزپارٽي جي قيادت ٽوڙي تڪ جي ايم پي ايز صوبائي وزيرن اڪيلو ناهي ڇڏيو

پيپلزپارٽي هر ڏک سک جي گهڙي ۾ عوام سان گڏ رهڻ واري پارٽي آهي، سدائين غريبن جي مدد ڪئي آهي

پيپلزپارٽي جي عوام کي مهانگائي مان نجات ڏيارڻ چاهي ٿي، عوام کي رليف ڏياريندا سين: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي صفوران ٽائون جي مقامي پ پ اڳواڻ عبدالحميد جويو پاران ڪراچي ۾ پ پ ايم پي ايز نواب سردار خان چانڊيو، نواب برهان خان چانڊيو جي پٽ جي شادي تقريب ۾ شرڪت دوران اڳوڻي صدر پاڪستان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪراچي: اڳوڻو آصف علي زرداري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

گمبٽ پرسان بک ۽ بدحالي
کان تنگ ٿي نوجوان آپگهات
ڪري ڇڏيو

گمبٽ(رپورٽر)افسوس ناڪ خبر :بک ۽ بد حالي سبب کهڙا ويجهو ڳوٺ ربڊر لاشاري ۾ 14 سالا نوجوان شرجيل ولد نظام الدين لاشاريءَ ڳوٺ کان ٻاهر وڃي مبينا طور ڪرتو جي وڻ ۾ ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو، ان ڏس ۾ سندس والد نظام الدين ٻڌايو ته ڪافي عرصي کان آئون بيماري جي بستري تي پيو آهيان، منهنجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو باگو ۾ استادن جون ڊيوٽيون روز جي بنيادن تي تبديل ڪرڻ خلاف مظاهرو

گستا ٽنڊو باگو جي صدر قائم ڪوسو، جنرل سيڪريٽري امين ميمڻ، اشفاق ميمڻ، ستار ڪنير، شاهد محمود ۽ ٻين احتجاج ڪيو

آر او فيض محمد اديجو اليڪشن جي ڊيوٽين ۾ بلاجواز تنگ ڪري ٿو، بنيادن تي استادن کي گهرائي ڌمڪيون ڏي ٿو: مظاهرين

استاد دشمن آر او فيض محمد اديجو کي هٽائي ٻيو آر او مقرر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ استاد اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪنداسين

ٽنڊو باگو(رپورٽ: سهيل سمون) اليڪشن ڊيوٽين ۾ استادن جون ڊيوٽيون روز جي بنيادن تي تبديل ڪرڻ ۽ استادن سان اڻ گهٽي رويي سان پيش اچڻ ۽ استادن کي ڌمڪيون ڏيڻ خلاف استادن جو گستا ٽنڊو باگو جي صدر قائم ڪوسو جنرل سيڪريٽري امين ميمڻ، اشفاق ميمڻ، ستار ڪنير، شاهد محمود، راجا فرحان ڪنير، اسجد خواجا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ آر او فيض محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان ۾ مريضن جي مفت اسڪريننگ ۽ ٽيسٽنگ سان طبي سهولت تحت علاج

ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال ۾ قائم ڪيل هيپاٽائٽس جي مرض جي بچاءُ لاءِ قائم ڪيل ڪئمپ جي افتتاحي تقريب ٿي

پوري دنيا ۾ هيپاٽائٽس جي مرض جي بچاءُ لاءِ جديد طبي سهوليت مڪمل علاج جو فارمولو اچي چڪو آهي: ڊاڪٽر جهانگير

هيپاٽائٽس انساني زندگي لاءِ خطرناڪ مرض جو حصو آهي، هاڻي جديد سهوليت تحت علاج ممڪن بڻجي سگهيو آهي

ٽنڊو محمد خان(ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال ۾ هيپاٽائٽس جي بچاءُ لاءِ قائم ڪيل طبي ڪئمپ ۾ سوين مريضن جي مفت اسڪريننگ ۽ ٽيسٽنگ سان طبي سهوليت تحت علاج ڪيو. ٽنڊو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊو محمد خان: قائم ڪيل هيپاٽائٽس جي مرض جي بچاءُ لاءِ قائم ڪيل ڪئمپ جي افتتاحي تقريب بعد علاج ڪيا ويا

ٺٽي ۾ اليڪشن ڪميشن معذور ڪوٽا تي
ڀرتي ٿيل گونگي ۽ ٻوڙي ملازم کي
پولنگ آفيسر مقرر ڪري ڇڏيو

ٺٽو(ٻر) ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر جي آفس پاران بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو اليڪشن ڪميشن پاران خانه پوري ڪندي معذور ڪوٽا تي ڀرتي ٿيل گونگي ۽ ٻوڙي ملازم کي پولنگ آفيسر مقرر ڪري ڇڏيو. ٺٽي ۾ 15 جنوري تي ٿيندڙ بلدياتي اليڪشن ۾ ريٽرننگ آفيسر ٺٽو محمد الرحيم سومرو پاران گورنمنٽ پرائمري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ميهڙ ۾ گرينڊ هيلٿ الائنس جي مرڪزي سڏ تي احتجاج، نعريبازي

تعلقه اسپتال جي عملي پاران محمد اعظم پنهور، واجد علي پنهيار، نياز حسين ڏيپر ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سنڌ حڪومت اسان ملازمن سان ناجائزي ڪري رهي آهي جنهن سبب پريشان آهيون: مظاهرين

هيلٿ رسڪ الائونس، ٽائيم اسڪيل بحال ڪري ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف جا جائز مطالبا منظور ڪيا وڃن

ميهڙ(رپورٽر) ميهڙ گرينڊ هيلٿ الائنس جي مرڪزي سڏ تي سنڌ حڪومت پاران مطالبا منظور نه ڪرڻ خلاف هڪ دفعو ٻيهر تعلقه اسپتال ميهڙ جي عملي پاران ٽئين ڏينهن به محمد اعظم پنهور، واجد علي پنهيار، نياز حسين ڏيپر، غلام مرتضي ٽيبو، محبوب چانڊيو، فياض شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ تعلقه اسپتال ۾ ترڪن هڙتال ڪري احتجاج ڪري سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز پاران سستي اٽي جي اسٽال جو دورو

خوراڪ کاتو پاران شهرين کي 65 روپيا ڪلو جي حساب سان اٽو ڏئي رهيو آهي: ڊي سي

ضلعي اندر 21 سستي اٽي جا مرڪز قائم ڪيا ويا آهن ۽ جلد ٻيا مرڪز به کوليندا سين

عوام معياري ۽ سستو اٽو ڏنو وڃي، ڪا به غفلت برداشت نه ڪبي ۽ سستي اگهه تي اٽو ڏنو وڃي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ پاران فرحان فلور مل سڌو جا طرفان لڳايل سستي اٽي جي اسٽال تي پهچي غريب عوام ۾ سستو اٽو ڏنو ويو ان موقعي ڊي سي شاهزيب شيخ چيو ته سنڌ حڪومت جي حڪم تحت تعلقي مورو سميت ضلعي نوشهروفيروز ۾ 100 کان وڌيڪ سستي اٽي جا فلور ملن جي تعاون سان اسٽال لڳايا ويا آهن جيڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز: ڊپٽي ڪمشنر سستي اٽي جي اسٽال جو دورو ڪندي

اڏيرو لال پرسان ڪار ۽
آئل ٽينڪر ۾ ٽڪر، 6
ڄڻا زخمي

مٽياري(رپورٽر)اڏيرولال ويجهو ٽنڊو آدم کان ڪبير طرف ويندڙ ڪار ۽ ڪبير کان ٽنڊو آدم طرف ويندڙ آئل ٽينڪر ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار ٻن ٻارڙن سميت 6 ڄڻا شديد زخمي ٿي پيا زخمين ۾ عبد الرحمان ولد پنهون خاصخيلي مسمات نجمه زوجه الله داد خاصخيلي عابد بنت الهداد خاصخيلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

هالا پرسان ڳوٺ قاسم پڳهيو ۾ 30 سالن کان ڪو به ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو

اسان جي ڳوٺ جون گهٽيون به پاڻيءَ هيٺ آهن، پاڻيءَ جو نيڪال سسٽم به نه آهي: رهواسين جون دانهون

ڳوٺ ۾ سي سي بلاڪ گهٽيون ۽ گرلس اسڪول پڻ موجود نه آهي، سهولتن جي کوٽ سبب سخت پريشان آهيون

ڳوٺ ۾ گرلس اسڪول کولرائي ڏنو وڃي ته جئين ڳوٺ جون نياڻيون تعليم جو زيور حاصل ڪري سگهن: مطالبو

مٽياري(رپورٽر) تعلقي هالا جي يوسي ڪرم خان نظاماڻي جي ڳوٺ قاسم پڳهيو ۾ 30 سالن کان ڪو به ترقياتي ڪم نه ٿيو آهي اسان جي ڳوٺ جون گهٽيون به پاڻيءَ هيٺ آهن پاڻيءَ جو نيڪال سسٽم به نه آهي اسان جي ڳوٺ ۾ تقريبن 1200 سو گهرن تي مستقل آهي اسان جي ڳوٺ جو واٽر پلانٽ منظور ٿيل آهي ڪافي عرصي کان نه لڳي رهيو آهي پيئڻ جو پاڻي به ٻاهران ڀيسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

خميس 12 جنوري 2023ع

عالمي امداد ٻوڏ متاثرن تي ئي خرچ ڪرڻ جو سوال

پاڪستان عالمي دنيا کان ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ جنهن امداد جي اميد پئي ڪئي ان کان بہ وڌيڪ دنيا اڳڀرو اچي پاڪستان جي مدد ڪئي آهي جنهن جو اظهار وفاقي حڪومت وزيراعظم ۽ ٻين پنهنجي بيانن ذريعي ڪيو آهي. جڏهن سڄي دنيا ٻوڏ متاثرن جي درد کي سمجهي محسوس ڪري وڏي پئماني تي امداد جو اعلان ڪيو آهي تہ هاڻي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جو امتحان شروع ٿيندو تہ انهي امداد کي شفاف نموني ٻوڏ متاثرن جي بحالي تي خرچ ڪن. ڇاڪاڻ تہ ماضي ۾ ايترا ڪوڙ مثال موجود آهن جو زلزلي کان وٺي ڪورونا جي وبا جي دوران ملندڙ امداد ماڻهن تي خرچ ٿيڻ بدران ڪجهہ فردن جي هٿن ۾ هلي وئي جنهن ڪري بہ هن ڀيري هيڏي وڏي ٻوڏ ۽ تباهي اچڻ باوجود دنيا پهرين امداد جو اعلان ڪرڻ کان ڪيٻائي رهي هئي ۽ پوءِ وفاقي حڪومت ۽ خاص ڪري پرڏيهي وزارت جي مسلسل محنت ۽ ڪوششن تي قائل ٿي تہ تباهي تمام وڏي ٿي آهي جيڪڏهن دنيا امداد لاءِ اڳيان نہ آئي تہ ڪروڙين متاثر ٿيل ماڻهن جي بحالي ممڪن بڻجي نہ سگهندي. جنهن ڪانپوءِ گڏيل قومن ۽ پاڪستان گڏجي عالمي ڊونرز ڪانفرنس ڪوٺائي جنهن ۾ 10 اربن کان وڌيڪ امداد جو اعلان ڪيو ويو آهي.

اسان جي ملڪ جي بدقسمتي رهي آهي تہ وسيلن سان مالا مال هوندي حڪومت جي غلط پاليسين سبب سدائين ملڪ معاشي طور ڏکيائين کي منهن ڏيندو رهيو آهي. معاشي پاليسيون عوام جي بهتري کي نظر ۾ رکندي نہ جوڙيون وينديون آهن پر سدائين عوام کان ٽيڪس وٺي ڪجهہ سيڪٽرو مراعت يافتہ طبقي تي اهي پئسا خرچ ڪيا ويندا آهن جنهن ڪري غير پيداواري خرچ وڌيڪ ٿيڻ جي ڪري ملڪي مشڪلاتون اينديون رهنديون آهن ۽ پوءِ سدائين قرضن تي گذارو ڪيو ويندو آهي ۽ وري انهن قرضن جو وياج ڀرڻ لاءِ عوام تي سڌي يا اڻ سڌي ٽيڪسن جي ڀرمار هوندي آهي. جڏهن وري ڪي قدرتي آفتون زلزلا ٻوڏون يا وبا اينديون آهي تہ مدد لاءِ عالمي امداد ڏانهن واجهائيبو آهي. هن وقت بہ اها ئي صورتحال آهي جو ٻوڏ کي ڇهہ مهينا گذرڻ باوجود اڃا تائين متاثرن جي بحالي لاءِ حڪومت پاڻ ڪجهہ ڪرڻ لائق نہ رهي آهي ۽ عالمي مدد ڏانهن واجهائي رهي آهي. اسان وٽ انهن ڏکين ڏينهن ۾ عالمي امداد تہ ايندي آهي پر اصل مسئلو انهي امداد جو صحيح استعمال نہ ڪرڻ آهي جنهن ڪري دنيا سدائين شڪ جي نظرن سان ڏسندي رهندي آهي. جنهن جو وڏو مثال ڪشمير ۾ آيل زلزلو ۽ سڄي ملڪ ۾ ڪورونا جي وبا هئي جنهن ۾ دنيا دل کولي مدد ڪئي پر اها متاثرن تائين رڳو نالي ماتر پهتي جنهن ڪري هن وقت تائين بہ زلزلي متاثر علائقا ٻيهر آباد نہ ٿي سگهيا آهن يا وري ڪورونا جي فنڊن ۾ اربين رپين جي ڪرپشن جا اسڪينڊل سامهون آيا جن جو بہ ڪو حساب ڪتاب نہ ٿو ملي. هن وقت بہ جڏهن دنيا 10 ارب ڊالرن کان وڌيڪ امداد جو اعلان ڪيو آهي تہ اهو سوال پيدا ٿي رهيو آهي تہ ڇا اها رقم ٻوڏ متاثرن جي مڪمل بحالي لاءِ شفاف نموني خرچ ٿيندي يا اها ٻين هٿن ۾ هلي ويندي.

اسان سمجهون ٿا تہ هن وقت تائين ڪنهن بہ ٻوڏ متاثر جي مڪمل بحال نہ ٿي سگهي آهي ۽ نہ ئي وري انهن جي تباهہ ٿيل ملڪيتن يا فصلن جو انهن کي معاوضو ملي سگهيو آهي. اڄ بہ لکين ٻوڏ متاثر بنا ڇت جي گذارڻ تي مجبور آهن ۽ اها بہ خبر ناهي تہ انهن مان ڪيترا ٻوڏ متاثر رات جو بکئي پيٽ سمهن ٿا يا بيمارين کي منهن ڏئي رهيا آهن. ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ جيڪو وڏي ۾ وڏو مسئلو فنڊن جو هو اهو هن اعلان کان پوءِ حل ٿيندي نظر اچي رهيو آهي پر اصل مسئلو هاڻي شروع ٿيندو تہ انهي رقم کي ڪيتري شفاف نموني خرچ ڪيو وڃي ٿو جيڪو ئي اڄوڪن حڪمرانن جو امتحان آهي. ڇاڪاڻ تہ ٻوڏ متاثرن جي نالي تي دنيا کان ايندڙ رقم جيڪڏهن انهن تي خرچ نہ ٿي ٿئي تہ انهي کان وڌيڪ مجرمانہ غفلت يا ڏوهہ ٻيو ڪو ٿي نہ ٿو سگهي.

ڪامياب ۽ ناڪام رياست جا بنياد

ممتاز منگي

پاڪستان پنهنجي بحراني تاريخ مان گذرندي اهڙي موڙ تي پهچي چڪو آهي جتي هن جي مستقبل جو بحث ڀيانڪ ۽ خوفناڪي امڪانن تي ڪيو ٿو وڃي. اهو بحث هن رياست سان اختلافي نقطہ نظر رکندڙ قوم پرست ۽ ٻيا ڌڙا نہ پيا ڪن پر هي بحث هاڻي ملڪ جا معاشي ماهر پوءِ اهي حڪومت ۾ هجن يا حڪومت جا اتحادي سڀ جو سڀ انهن امڪانن تي بحث ڪندي نااميدي ۽ مايوسي جي امڪانن سان گڏوگڏ هي بہ امڪان ٻڌائين پيا تہ ايندڙ وقت ۾ هي جيڪو معاشي بدترين بحران رياست کي ناڪامي جي طرف ڌڪي پيو انهيءَ کان ڇوٽڪارو ممڪن آهي. مخالف ڌر تہ پهرين ڏينهن کان ئي اهو بحث ڪري پئي ۽ ان جا معاشي ماهر وڏي پيماني تي اها دعويٰ ڪن پيا تہ هن موجوده سياسي سيٽ اپ ۾ رياست جو ڏيوالي نڪرڻ واضح ۽ چٽو نظر اچي پيو. پاڻ مخالف ڌر جي سياسي تنقيدي پهلو کان سندن دعوائن . بحثن ۽ تجزين کي نٿا ڌاريون پر جيڪي حقيقت پسند ۽ غيرجانبدار ماهر آهن انهن جي راءِ ۽ تجزيي کي اهميت نہ ڏيڻ نہ رڳو غلط ٿيندو پر ڇتي حقيقتن کان سڌو سنئون انڪار ڪرڻ ٿيندو. انهن تجزين بحثن امڪاني انديشن کان وڌيڪ زميني حقيقتون هن ملڪ جي هر شهري جي اڳيان آهن جو هاڻي مهانگائي صرف مهانگائي ناهي پر وبا جيان وڌندڙ خوفناڪ آفت بڻجي چڪي آهي. عوام تہ پيڙجي ٿي پيو پلي حڪمران طبقي کي انهيءَ جي ڪا بہ پرواهہ نہ هجي ليڪن اها معاشي بحران جي آفت هاڻي هن رياست جا بنياد لوڏيندي هڪ تباهي ۽ بربادي جو خوف پيدا ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي جو پاڪستان جو معاشي ماهر شبر زيدي هڪ نجي ٽي وي (اي آرواءِ) تي چٽن لفظن ۾ چيو تہ "هاڻي اسان سڀني کي اهو تسليم ڪرڻو پوندو تہ هي رياست ناڪام ٿي چڪي آهي مان اهو پوري اعتماد سان چوان ٿو بچڻ جو ڪو بہ ٻيو رستو ناهي سواءِ ان جي تہ اسان هن ملڪ جا سڀ جو سڀ رهواسي کلي سان دل اهو تسليم ڪريون تہ رياست ناڪام ٿي چڪي آهي ۽ پوءِ جيڪڏهن اسان کي هي ملڪ بچائڻو آهي تہ انهيءَ جي بچائڻ جي لاءِ پوري جذبي ۽ سچائي سان پنهنجي نئين سفر جو آغاز ڪريون . " شبر زيدي گذريل پي ٽي آئي حڪومت ۾ ايف بي آر جو سربراهہ رڳو نہ هو پر هو تمام گهڻو سرگرم ۽ ايترو بااختيار هو جيترو وزير خزانہ. ٻڌايو ٿو وڃي تہ شبر زيدي کي انهن حلقن معاشي بهتري جون ذميواريون ڏياريون هيون جيڪي عمران خان جي حڪومت ۾ ايندڙ وقت جي بحرانن جي امڪانن کي محسوس ڪري رهيا هئا. هن جڏهن ٽيڪس وصولي جي سختي ڪئي ۽ انهن ڌڙن جي طرف آڱر کڻي جيڪي حڪمران ٽولن جا هر دور ۾ "ڊارلنگ "رهيا آهن تہ ڪيس نہ رڳو روڪيو ويو پر هن جي ڪم ڪرڻ ۾ ايتري ڏکيائي پيدا ڪيائون جو هن حڪومت کان الڳ ٿيڻ ۾ بهتري سمجهي. ساڳئي صورتحال اتحادي حڪومت جي پهرين وزير خزانہ مفتاح اسماعيل جي ڏسڻ ۾ آئي. مفتاح اسماعيل سان ماهر معاشيات ڪيترا بہ اختلاف رکن پر ان نقطي تي ڪو بہ سمجهدار ماڻهو اختلاف نٿو رکي سگهي تہ ملڪ جي اشرافيا ڪلاس کان ٽيڪس نہ وٺجي. هن جڏهن دڪاندار ۽ واپارين کي ٽيڪس نيٽورڪ ۾ آڻڻ جو پلان ناهيو تہ خود ن ليگ جي قيادت ۽ خاص ڪري ن ليگ جي شهزادي مريم نواز صاحبہ سندس پاليسين تي مخالفت ڪندي چيو تہ "واپاري طبقي ۽ دڪاندارن کي جيڪڏهن تنگ ڪرڻ جي پاليسي ترڪ نہ ڪئي وئي تہ هو خود انهن پاليسين خلاف احتجاج ڪندي"مفتاح اسماعيل دانهون ڪندي اڄ بہ چئي پيو " هن ملڪ ۾ ٽيهہ لکن کان وڌيڪ وڏا دڪان آهن انهن مان رڳو ٽيهہ هزار کان بہ گهٽ ٽيڪس ڀرين ٿا پوءِ هي معاشي سسٽم ڪيئن بهتر ٿي سگهندو انهيءَ کان علاوه اشرافيا ڪلاس جا وڏا بنگلا ۽ رهائشي علائقا اربن روپين جي ويليو رکن ٿا ٽيڪس نالي ماتر بہ نٿا ڏين اهوئي سبب آهي جو پوري ٽيڪس جو ڏياءُ پيٽرول ۽ ڊيزل تي وڌو ٿو وڃي سيلز ٽيڪس يا عام واهپي جون شيون مهانگي ٿيڻ سان بد ۽ بروائر غريب ۽ وچولي طبقي تي پئجي رهيو آهي..

" هو ڊالر کي ڪنٽرول ۾ رکڻ جي پاليسي جي بجاءِ مارڪيٽ پرائسس تي زور ڏئي رهيو هو (ضروري ناهي تہ مفتاح جي ان پاليسي سان پاڻ متفق ٿيون) پر هن جو پورو زور ان نقطي تي هيو تہ هاڻي هي ملڪ اشرافيا ڪلاس کي پالڻ ۽ نپائڻ جو بوجهہ پنهنجي ڪلهن تي کڻي نٿو سگهي. معاشي ماهرن کان سواءِ ڪو بہ سمجهدار ۽ معيشت جي الف ب کي ڄاڻيندڙ ماڻهو اهو ٺيڪ طرح سان سمجهي سگهي ٿو تہ ٽيڪس جي نظام بهتر ٿيڻ کان سواءِ معيشت ۾ بهتري اچي نٿي سگهي. معاملو اتان شروع ٿيندي هن ملڪ جي حڪمران طبقي جي پوري پاليسي سمجهڻ ۾ اسان کي مدد ڏئي ٿو (پاڻ جڏهن حڪمران طبقي جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ ان ۾ رڳو سياستدان يا سياسي حڪومتون شامل ناهن پر ڪامورو شاهي اسٽيبلشمينٽ ۽ آمريتن جي دورن ۾ تمام جو تمام حڪومت ۾ رهندڙ ۽ ان جا مراعت يافتہ سيئي گروهہ شامل سمجهڻ گهرجن) جو هنن ڪڏهن بہ پاڪستان جي معيشت کي حب الوطني جي جذبي سان نہ تعمير ڪرڻ جي لاءِ ناهي سوچيو پر معاشي ضرورتن ۽ معاشي تقاضائن مطابق بہ ڪڏهن پاليسي ناهي جوڙي نہ ڪڏهن صنعتي پاليسي جوڙي وئي آهي ۽ نہ وري زرعي پاليسين تي ڌيان ڏنو ويو آهي. تمام حڪمران گروهن جو رويو ڇچ لٽڪائو سرمائيدارن وارو رهندو پيو اچي جن جي حڪمت عملي ۽ پاليسي اها رهي آهي تہ ڪهڙي طرح سان دنيا جي ميني فيڪچرڻ ڪمپنين کان ڪميشنون وٺجن ۽ پنهنجا کيسا ڀرجن هن وقت حالت اها آهي تہ معمولي دوائون هي ملڪ تيار نٿو ڪري سگهي. زرعي ٻجن جي لاءِ اسان کي ڄاڻا ۽ ٻين ٻاهرن ملٽي نيشنل ايگريڪلچر ڪمپنين تي ڀاڙڻو ٿو پوي. هڪ زرعي ملڪ ۾ ڪاڌي پيتي جي شين کٽڪ . دالين ۽ سبزين جو آئي ڏينهن بحران مان ثابت آهي تہ هن ملڪ جي حڪمران طبقي کي عوام جي معيار زندگي بهتر ڪرڻ جو ڪو بہ تصور ناهي. معاملو رڳو معاشي پاليسيز جي بهتر ڪرڻ يا صنعتي ۽ زرعي ترقي جون حڪمت عمليون ناهڻ تي بيٺل ناهي .هن ملڪ جو عوام حڪومتي مدد کان سواءِ پنهنجو پورهيو ڪري ۽ پنهنجي طور تي خودرو پيداوار وڌائڻ ۾ ڏينهن رات جنبيل آهي پر انهيءَ جو فائدو عوام کي ملڻ جي بجاءِ مٺ جيترا منافعي خور وٺي رهيا آهن موجوده اٽي جي بحران کان پوءِ سنڌ جو وزير اعليٰ اعتراف ڪندي هاڻي پيو اها ڳالهہ مڃي تہ هي سڄو ڪرائسس گهڻي ڀاڱي ذخيرا اندوزن جو پيدا ڪيل آهي. ساڳيائي بيان پنجاب مان بہ اچي رهيا آهن ۽ اتي بہ اهائي تنقيد ٿئي پئي تہ ڪڻڪ جا گدام ڀريل آهن. خاص ڪري واپارين وٽ تمام گهڻو ذخيرو ٿيل آهي پر عوام کي مهانگي کان مهانگو اٽو يعني 150 ناڻين في ڪلو وڪرو ڪيو ٿو وڃي. سنڌ جي وزير اعليٰ چيف سيڪريٽري کي چيو آهي تہ هر ضلعي جي انتظاميہ کي پابند ڪيو وڃي تہ هو قيمتن تي ڪنٽرول ڪن ۽ ذخيرا اندوزي جي خلاف ايڪشن وٺن. ڪنهن بہ رياست جي ڪاميابي ۽ ناڪامي جو بنياد انتظامي ۽ قانوني توازن ۽ اصولن تي بيٺل هوندو آهي. پلي رياست جي طبقاتي تشريح ڪهڙي بہ ٿئي انهيءَ ۾ سياسي بحران ۽ معاشي بحران تہ جنم وٺندا آهن ليڪن اهي بحران ڪڏهن بہ خود رياست جي وجود کي نقصان ناهن پهچائيندا. حڪومتون تبديل ٿينديون آهن معاشي پاليسيون جڙنديون آهن هڪ ٻئي جي ضد ۾ نظريا ايندا آهن ۽ آزمايا ويندا آهن پر جڏهن رياست کي خطرو محسوس ٿئي تڏهن سمجهڻ گهرجي تہ رياست جي اندر خود انهيءَ جي قانون تي حڪمران ٽولو رياست جي مشينري عمل نہ پئي ڪري. جنهن جي نتيجي ۾ رياست کان عوام جي بددلي ۽ بيزاري پيدا ٿيندي آهي. هن وقت پاڪستان جي اندر مٺ جيترا ڏوهاري ٽولا ايترا طاقتور آهن جو اهي کلي عام پنهنجو وارداتون ڪندي رياست جي رٽ کي رڳو چئلينج نہ پيا ڪن پر لتاڙين پيا. ڪو بہ اهڙو ڏوهاري ٽولو ناهي جنهن جو تعلق سياست ۽ رياست جي اندر ڌڙن سان نہ هجي ۽ نہ وري ڪو اهڙو اشرافيا ڪلاس جو گروهہ آهي جيڪو پنهنجي طاقت انهن کان ٻاهر رکندو هجي. هاڻي جڏهن ملڪ جي اندر ٽيڪس ڏيندڙ ٽيڪس ڏيڻ کان انڪاري هجن. ملڪ جي اڪانومي برباد ٿي وڃي امن خراب هجي ۽ برباد هجي. ملڪ جي معيشت کي هر دور جي اندر قرضن تي هلايو وڃي ظاهر آهي تہ قرضن ۽ ڀينو اڪنامي عوام کي ڪهڙي نهج تي پهچائيندي ۽ خود هي رياست پنهنجي مستقبل جو مقدر ڪهڙو پئي لکي. رياست جي طاقت جو بنياد انصاف ۽ اصول آهي جڏهن اهو بحال ٿيندو تہ شيون بهتر ٿي وينديون ان جي بحالي جي لاءِ لازمي آهي تہ تمام سياسي جماعتون ۽ خاص ڪري اهي سياسي جماعتون جيڪي برن ۽ بدتر گناهن کان ڪجهہ بچيل آهن انهن کي هڪ مضبوط موقف اختيار ڪندي ۽ بهتر نظام جي لاءِ اڳتي وڌڻو پوندو ۽ انهيءَ سان ئي هن ملڪ جو توازن بحال ٿيندو ۽ معيشت بہ سڌري سگهندي. حڪمرانن کي هي يقينن سمجهہ ۾ ايندو ئي هوندو تہ هر دفعي آفتون نہ اينديون جو دنيا پنڻ جي ڪجهہ جهول ۾ وجهي ۽ پر جي اينديون بہ سهي تہ انهيءَ جي لاءِ امير ملڪ مدد ڪرڻ ۾ پاڻ کي پابند نہ سمجهندا. ايندڙ وقت صاف انڊيڪيٽر ڏئي پيو تہ جي هن رياست کي بچائڻو آهي تہ پنهنجا رويا ۽ قبلا درست ڪرڻ پوندا.

ڪُهي سو ڪَرَ لَهَي، ڪوئي سو قَريبُ؛
اِها عادتَ سِڪيو، هَر زَمان حبيبُ؛
تِڇي سو طبيبُ، سو ئي راحتَ رُوحَ جِي.

ماني مهانگي موت سستو

مير ذوالفقار چانڊيو

دنيا جي خطي تي سنڌ واحد صوبو آهي جيڪو قدرتي وسيلن سان مالامال آهي تيل گيس ڪوئلو سون لوهہ سميت زرعي حوالي سان سنڌ صوبو وڏي اهميت وارو آهي جتي کائڻ پيئڻ جي هر شيءِ سبزي فروٽ ميوات سڀ سنڌ جي خطي جو حسن آهن جنهن سان سنڌ ترقي خوشحال بڻيل صوبو آهي ائين ڪٿي چئجي تہ قدرت جي هر نعمت سنڌ سڀوري ۾ موجود آهي پر هن خوشحال صوبي جي غريب عوام جو حال بيان ڪجي تہ ائين ٿو محسوس ٿئي تہ هي خوشحال ڌرتيءَ جا رهواسي نہ پر ڇٽر دوڙ جا رهندڙ ماڻهو آهن سندن ذاتي زندگي تمام گهڻي مشڪل مصيبتن واري گذرندي رهي ٿي ڪين وقت جي حڪومتن طرفان بنيادي سهولتن سميت ڪي بہ سهولتون نہ ملڻ ڪري ويچارا نڌڻڪا دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهن جيڪڏهن سندن ڏکن سورن جو ذڪر ڪجي تہ اخبارن جا پيج ڀرجي ويندا پر هن خوشحال ڌرتيءَ جي ماروئڙن جا اهنج ختم نہ ٿي سگهندا سيني سورن تڪليفن کي ڇڏي جيڪڏهن غريب مسڪين ماڻهن جي صرف هڪ ڏينهن جي سورن دردن جو داستان بيان ڪجي تہ بہ دل دانهون ڪوڪون ڪندي روئندي تڙپندي رهي ٿي تہ هي منهنجي ديس جي ماڻهن سان ڪيڏو ظلم ۽ ناانصافي ٿي رهي آهي جواج ڪلهہ غريب مسڪين ماڻهو اٽي جي لپ ماني ڳيي لاءِ پريشان ۽ دربدر ٿي رهي آهي سرڪاري اسٽالن توڙي فلور ملز اڳيان اٽو خريد ڪرڻ لاءِ وڏي رش ۽ قطارون نظر اچن ٿيون هي ڪهڙو دجالي دؤر اچي ويو آهي جو خوشحال صوبي سنڌ جا ماڻهو اٽي جي لپ ماني ڳيي لاءِ پريشان ۽ نڌڻڪا لڳا پيا آهن هر جڳهہ تي ڌڪا ٿاپا کائڻ تي مجبور آهن جتي ڪين تذليل جو نشانو بڻائي اٽي جي لپ ملي رهي آهي پر هاڻي صورتحال ايتري خطرناڪ ۽ مشڪل واري بڻجي وئي جو اٽي جي لپ خريد ڪرڻ پويان ماڻهن جي مرڻ ۽ جسم کان معذور ٿيڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي صرف هڪ ڏينهن اندر سنڌ ۾ 2 افسوسناڪ واقعا سامهون آيا آهن جنهن نازڪ دل رکندڙ ماڻهن کي روئڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي ڌهي منهنجي خوشحال ديس جي غريب مسڪين ماڻهن سان ڪيڏو وڏو ظلم ٿي رهيو آهي جيئن گذريل ڏينهن ميرپورخاص ۾ اٽو خريد ڪرڻ دوران رش وڏي وڃڻ ڪري هڪ مسڪين پورهيت هرسن ڪولهي چيپاڙجي فوت ٿي ويو اهڙو افسوسناڪ واقعو سامهون وقت جي حڪمرانن جي منهن تي زوردار چماٽ آهي هي صرف هڪ غريب مسڪين جو قتل نہ پر سڄي سنڌ جي غريبن مسڪينن جو قتل آهي جنهن کي ماني ڳيي لاءِ ايترو دربدر ۽ پريشان ڪيو پيو وڃي صرف ايترو نہ پر منهنجي ادبي علمي شهر سڪرنڊ ۾ اقبال فلور ملز تي اٽو خريد ڪرڻ دوران رش ۾ لتاڙجڻ سبب ٻن عورتن سميت هڪ معصوم ٻارڙيءَ جي ٽنگ ڀڄي پئي آهي خوشحال سنڌ جي غريب مسڪين ماڻهن کي اٽي جي لپ پويان پنهنجي زندگي جي بازي هارائي رهيا آهن ڪي وري نياڻيون نماڻيون اٽي جي لپ لاءِ معذور اپاهج بڻجي رهيون آهن نياڻي نماڻي هوندي آهي جنهن کي سنڌ ۾ ست قرآن جي برابر سمجهيو ويندو آهي پر نااهل حڪمرانن جي غلط فيصلن نياڻين نماڻين کي اٽي جي لپ پويان معذور بڻائي ڇڏيو آهي اهڙي قسم جا واقعا دل کي جهير ڏيندي سوال ڪري رهيا آهن تہ آخر عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ عوام جا همدرد ڪي سياستدان حڪمران غريب عوام کي نڌڻڪو ڇڏي ڪٿي گم ٿيل آهن اهڙن واقعن جو ڪو داد فرياد ٿيندو يا وري سنڌ اندر غريب مسڪين ماڻهن لاءِ ماني مهانگي موت سستو بڻيل آهي جنهن جي ڪري بس سنڌي ماڻهو نڌڻڪا بڻجي مرندا رهندا حقيقت ۾ اهڙن واقعن جو ڪيس وقت جي حڪمرانن سميت چونڊيل نمائندن مٿان داخل ٿيڻ گهرجي جيڪي عوام جي ووٽن تي چونڊجي اقتدار جا مزا ماڻي رهيا آهن جڏهن تہ غريب مسڪين ماڻهو سخت تڪليفن پريشانين کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن

بقايا 01

منصور علي شاهہ چيو تہ ڇا پهريان اهڙو ڪو مثال موجود آهي تہ پارليامنٽ ميمبرن قانون سازي کي چئلينج ڪيو هجي؟ مخدوم علي خان چيو تہ منهنجي نظر مان اهڙو ڪو ڪيس ناهي گذريو جنهن تي پارليامنٽ ميمبر قانون کي چئلينج ڪيو هجي. درخواست گذار نہ رڳو پارليامنٽ ميمبر آهي پر ملڪ جو وزيراعظم بہ رهي چڪو آهي. دليلن ۾ درخواستگذار جي بدنيتي ۽ ذاتي مفادجي بہ وضاحت ڪندس. چيف جسٽس چيو تہ موجودا ڪيس ۾ نيب قانون جي بهتري ڏسي رهيا آهيون. ضروري نہ آهي تہ قانون کي ڪالعدم ئي قرار ڏنو وڃي. قانون ڪالعدم ڏيڻ کانسواءِ بہ عدالت وٽ آپشن موجود آهن. قانون کي آئين پٺاندڙ هجڻ تي اڳتي وڌڻ گهرجي. جسٽس منصور علي شاهہ چيو تہ نيب قانون ۾ ترميمن جو بنيادي حقن سان ٽڪراءُ ٿيو تہ عدالت آپشنز تي غور ڪندي. جنهن تي وفاقي حڪومت جي وڪيل جو چوڻ آهي تہ ڪو بہ اهڙو قانون قائم نٿو رهي سگهي جنهن جو بنيادي حقن سان ٽڪراءُ هجي. هن چيو تہ سوال اهو آهي تہ عدالت آئين جو دفاع ۽ تحفظ ڪيئن ڪرڻو آهي. آئين جو مطلب پاڪستان جي عوام آهي. سوال اهو بہ آهي تہ فيصلو ڪرڻ ۾ عدالت ڪنهن حد تائين وڃي سگهي ٿي. پبلڪ آفيس هولڊرز احتساب جي قابل آهن. جيڪڏهن نيب ترميمن سان احتساب جو معيار ڪِريو تہ عدالت ان کي برقرار ڪيئن رکي سگهندي؟ چيف جسٽس چيو تہ جڏهن کان پاڪستان ٺهيو ڪرپشن جي خاتمي جا قانون ٺهيل آهن. ڪرپشن جي خاتمي وارا قانونن سبب ئي عوامي عهديدار قابل احتساب آهن. اسان سماجي يا سياسي مسئلن کي ناهي ڏسڻو اعتماد ئي سمورن معاملن جو مرڪز آهي. پبلڪ آفيس لاءِ ڊاڪٽرائن آف ٽرسٽ ضروري آهي. هن وڌيڪ چيو تہ ججز بہ عوامي اعتماد جا ضامن آهن. جج بہ قابل احتساب آهن. جج پئسن جي ويجهو بہ نٿا وڃي سگهن. سپريم ڪورٽ کي هڪ معاملي ۾ فنڊز مليا. اهي اسٽيٽ بئنڪ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا. اڄ بہ انتظار ڪري رهيا آهيون تہ فنڊز استعمال ٿين. سپريم ڪورٽ فنڊن جا تفصيل اسٽيٽ بئنڪ ويب سائيٽ تي نہ رکي ها تہ اڄ تنقيد ٿئي ها.

بقايا 02

ٽن ڪڻڪ جاري ڪري رهيو آهي ۽ فيبروري جي آخر تائين صوبي جي ڪڻڪ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ڪڻڪ جو اسٽاڪ موجود آهي. وڏي وزير چيو تہ جيڪڏهن خوراڪ کاتو وافر مقدار ۾ ڪڻڪ جاري ڪري رهيو آهي تہ قيمت ڪنٽرول ۾ ڇو نہ پئي ٿئي؟ وڏي وزير خوراڪ کاتي کي واضع طور تي هدايت ڪئي تہ اٽي جي قيمتن تي ڪنٽرول ڪري ان جو اگهہ اوپن مارڪيٽ ۾ 95 رپيا في ڪلو مقرر ڪيو وڃي جڏهن تہ سبسڊي واري اٽي جي فراهمي 65 رپيا في ڪلو جاري رکي وڃي. خوراڪ واري وزير صوبي ۾ موجود اسٽاڪ جا تفصيل ڏيندي چيو تہ 618569 ٽن کان وڌيڪ ڪڻڪ موجود آهي. هن وڌيڪ چيو تہ اسٽاڪ فيبروري جي آخر تائين صوبي جي ضرورت کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي ۽ مارچ جي پهرين هفتي کان مارڪيٽ ۾ نئين ڪڻڪ اچڻ شروع ٿي ويندي ۽ اگهہ پاڻمرادو هيٺ اچي ويندا. وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي تہ ضلعي انتظاميا کي وڌيڪ متحرڪ ڪيو وڃي تہ جيئن نہ رڳو اٽي پر ٻين کاڌي پيتي جي شين جهڙوڪ ڀاڄين، ميون، ککڙ، وڏي ۽ ننڍي گوشت، بيضن ۽ دالين جي اگهن کي ڪنٽرول ڪري سگهجي.

بقايا 03

15 جنوري تي پ پ پ کي ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ چيو. ان موقعي تي محلي جي معززين پ پ پ کي ڀرپور سپورٽ ڪرڻ جو واعدو ڪيو. ان موقعي تي چوڌري فاروق زمان، عمران بروهي، مير صمد خان بروهي، بشير احمد رند، يار محمد گورشاني ۽ ٻين چيو تہ پ پ پ عوامي پارٽي آهي جنهن ڪري ماڻهو پ پ پ کي ووٽ ڏيندا آهن. بلدياتي اليڪشن ۾ سهراب گوٺ ٽائون جي يوسي 7 تي ڪامياب ٿي عوام لاءِ خدمت ڪندا رهندا سين. اميدوارن جون ڳالهيون. سهراب گوٺ ٽائون جي يوسي 7 لاءِ چيئرمين چوڌري فاروق زمان، وائيس چيئرمين، مير عمران بروهي، جنرل ڪائونسلر لاءِ بادل خان جتوئي ۽ ٻين چيو تہ پارٽي پاران اسان کي ٽڪيٽون ڏيئي نامزد ڪيو ويو آهي اسان ڪامياب ٿي يوسي جي عوام لاءِ ڪم ڪنداسين انهن چيو تہ پاڪستان پيپلزپارٽي واحد پارٽي آهي جيڪا عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ سيني جماعتن کان اڳتي آهي. انهن چيو تہ پارٽي اسان تي اعتماد ڪندي ٽڪيٽون ڏنيون آهن اسان عوام جي ووٽ سان ڪامياب ٿي پنهنجي علائقي جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندا سين.

بقايا 04

ٽيم ورڪ جو نتيجو آهي. ٻوڏ متاثرن جي ٻيهر آبادڪاري تائين ڪوششون جاري رکنداسين. بال هاڻي اسان جي ڪورٽ ۾ آهي. هڪ هڪ پائي عوام جي ترقي، خوشحالي ۽ ڀلائي تي استعمال ڪرڻي آهي. هاڻي اسان کي ڏينهن رات عوام جي خدمت ڪرڻي آهي. وزيراعظم چيو تہ جنيوا ڪانفرنس دوران گڏيل طور تي 9.7 ارب ڊالر امدا جا واعدا ڪيا ويا. سڀ کان وڏي امداد جو اعلان اسلامي ترقياتي بئنڪ طرفان چار ڏهائي ٻہ ارب ڊالر جو ڪيو ويو. هن چيو تہ عالمي بئنڪ ٻہ ارب ڊالر ۽ ايشين انفراسٽرڪچر ڊيولپمينٽ بئنڪ هڪ ارب ڊالر جو اعلان ڪيو. اي ڊي بي پنج سئو ملين ڊالر جو اعلان ڪيو. اٽلي 23 ملين يورو ۽ جپان ستهتر ملين ڊالر جو اعلان ڪيو. قطر پنجويهہ ملين ڊالر ۽ سعودي عرب هڪ ارب ڊالر جو اعلان ڪيو. شهباز شريف جو چوڻ آهي تہ سعودي عرب هر ڏکئي وقت ۾ پاڪستان جو ساٿ ڏنو جنهن تي سندن ٿورائتا آهيون. آمريڪا طرفان بہ سئو ملين ڊالر امداد جو اعلان ڪيو ويو آهي.

بقايا 05

وطن جي ٻوڏ متاثرن لاءِ ماحولياتي انصاف جو مقدمو عالمي برادري سامهون ڪاميابي سان پيش ڪيو آهي. ڪامياب سفارتڪاري کي پنڻ سان تشبيهہ ڏيڻ ملڪ ۽ قوم جي توهين برابر آهي. صوبائي وزير شرجيل انعام پنهنجي بيان ۾ چيو تہ پرڏيهي وزير جي حيثيت سان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي باوقار سفارتڪاري جي دنيا معترف آهي. ڏاهپ، محنت ۽ بهادريءَ سان ڪيس پيش ڪرڻ جي وراثت چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي رت ۾ شامل آهي. عمران خان جهڙا ماڻهون چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي وقار ۽ معيار کي پرکڻ کان عاري آهي. هن چيو تہ قومي قيادت ۽ خاص طور چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪاوشن ۽ محنت سان پاڪستان وڏي ڪاميابي ماڻي آهي. جنيوا ڪانفرنس حڪومت پاڪستان ۽ دنيا جي سيني کان وڏي آرگنائزيشن گڏيل قومن جي گڏيل ميزباني ۾ منعقد ڪئي وئي. گڏيل قومن جا سيڪريٽري جنرل ڪانفرنس ۾ موجود رهيا. ڪانفرنس ۾ آئي ايم ايف، اسلامي ترقياتي بينڪ، يورپي يونين، عالمي بينڪ، يو ايس ايڊ، ايشين ڊولپمينٽ بينڪ، ايشين انفراسٽرڪچر انويسٽمينٽ بينڪ سميت عالمي ادارن جي سربراهن ۽ اعليٰ سطحي نمائندن شرڪت ڪئي. هن چيو تہ عالمي برادري جا اسان کي شڪريو ادا ڪرڻ گهرجي تہ هنن پاڪستان جي ڪال تي انتهائي مثبت انداز ۾ جواب ڏنو آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ خان صاحب ڪيستائين توهان ۽ توهان جي جماعت پاڪستان جي ايجنڊي ۽ مفادن خلاف سازشون ڪندا رهندا. خان صاحب ڪيستائين توهان ٻوڏ متاثرن سان دشمني ڪندا رهندا؟ سخت سياري جي موسم ۾ لکن جي انگ ۾ خاندان امداد جا منتظر آهن. صوبائي وزير عمران خان ۽ پي ٽي آئي کان سوال ڪيو تہ ٻوڏ متاثر معصوم خاندانن آخر اوهان جو ڇا بگاڙيو آهي؟ خان صاحب توهان پاڪستان ۾ عالمي امداد کي بار بار روڪڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ ڇو مصروف آهيو. هن چيو تہ عمران خان پنهنجي پوري زندگي چندو ۽ خيرات جي ٽڪرن تي گذاري آهي.

بقايا 06

خط لکي اليڪشن ڪميشن کي آگاهہ ڪري ڇڏيو آهي. گهرو وزارت جي جوابي خط ۾ چيو ويو آهي تہ پندرنهن جنوري تي حساس پولنگ اسٽيشنز جي ٻاهر فوج ۽ رينجرز جي مقرري جي درخواست ڪئي وئي. جنهن تي جي ايچ ڪيو چيو تہ صوبائي حڪومت اسٽيٽڪ مقرري فراهم ڪرڻ جي ذميوار آهي. سول آرمڊ فورسز ۽ فوج ٻئي يا ٽئين درجي تي مقرر ڪري سگهجي ٿي. جوابي خط ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي تہ اليڪشن ڪميشن پهريان ئي اڻ هزار ٽي سئو چويهہ پولنگ اسٽيشنز کي حساس ۽ انتهائي حساس قرار ڏنو آهي ۽ ڪنهن بہ پولنگ اسٽيشن کي نارمل قرار ناهي ڏنو ويو گهرو وزارت جي خط ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي تہ سنڌ جي انتهائي حساس ۽ حساس پولنگ اسٽيشنن تي 20 هزار اهلڪار مقرر ڪرڻا پوندا. جڏهن تہ جي ايچ ڪيو جو چوڻ آهي تہ هو ايتري وڏي تعداد ۾ اهلڪار فراهم نٿا ڪري سگهن. گهرو وزارت چيو آهي تہ پاڪ فوج ۽ رينجرز کي ڪوئڪ ريسپانس فورس طور مقرر ڪيو ويندو. جي ايچ ڪيو پولنگ اسٽيشنن تي فوج ۽ رينجرز جي مقرري کان معذرت ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 07

غلام نبي چانڊيو، سنڌ ڪميٽي چيئرمين حامد حسين عابدي، ڪي پي ڪي ڪميٽي وائس چيئرمين طاهر فاروق صوبائي وزير کان انڊومينٽ فنڊ جي 1 ڪروڙ روپين جو چيڪ وصول ڪيو. پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس پاران سينيئر صحافي ۽ پي ايف يو جي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ 50 لک روپين جو چيڪ وصول ڪيو. صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ ماتلي پريس ڪلب لاءِ 3 لک روپين جي گرانٽ جو چيڪ پريس ڪلب جي صدر ماجد ٽونٽڪائي حوالي ڪيو ان موقعي تي اطلاعات کاتي جو سيڪريٽري عمران عطا سومرو، ڊائريڪٽر ايڊمن محمد يوسف ڪابورو پڻ موجود هئا. صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ڳالهہ ٻولهہ ڪندي چيو تہ صحافتي ادارن ۽ تنظيمن جي مضبوطي ۽ پريس ڪلبن ۾ سهولتن جي فراهمي لاءِ سنڌ حڪومت ڀرپور قدم کڻي رهي آهي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جون خاص هدايتون آهن تہ ميڊيا ۽ صحافين جا مسئلا حل ڪيا وڃن. هن چيو تہ ميڊيا ۽ صحافين جي بهتري سان ملڪ ۾ جمهوريت مستحڪم ٿيندي. هن چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي هميشہ ميڊيا کي هٿي وٺرائڻ ۽ صحافين جي ڀلائيءَ لاءِ عملي قدم کنيا آهن

بقايا 08

ڇڏي جنهن جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب کي اليڪٽرڪ 7 روپيہ 04 پئسا في يونٽ گهٽتائي جي درخواست ڪئي هئي. جنهن کان پوءِ اٿارٽي 27 ڊسمبر 2022ع تي ايف سي اي تي عوامي ٻڌڻي ڪئي هئي ان کان اڳ آڪٽوبر جي ايف سي اي صارفين کان 2 روپيہ 45 پئسا في يونٽ گهٽتائي سان گڏ چارج ڪيو ويو هو. نومبر جو ايف سي اي آڪٽوبر جي نسبت صارفين کان 4 روپيہ 98 پئسا وڌيڪ گهٽ چارج ڪيو ويندو. بجلي جي قيمتن ۾ گهٽتائي صرف هڪ مهيني جي لاءِ هوندي. لائف لائن صارفين، 300 يونٽس تائين گهريلو صارفين، زرعي صارفين ۽ اليڪٽرڪ وهيڪل چارجنگ اسٽيشن اهڙي حڪم کان آجا هوندا.

بقايا 09

ڪندي پرڏيهي وزير چيو تہ اسان گذريل اٺن مهينن کان جيڪا محنت ۽ ڪوششون ڪري رهيا هئاسين اهي هاڻي اثر ڏيکاري رهيون آهن. اسان جي ڪاميابي آهي تہ اسان هدف کان وڌيڪ رقم گڏ ڪئي. اوڀر کان اولهہ تائين سڄي دنيا اسان جي مدد ڪئي. هن چيو تہ وزيراعظم شهباز شريف ۽ حڪومت هڪ تير سان ٻہ شڪار ڪيا. هڪ پاسي تہ اوهان ملڪ اندر ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ اڻٿڪ محنت ڪئي تہ ٻئي پاسي عالمي سطح تي پاڪستان کي ڊيفالٽ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارن کي بہ ڏيکاريو تہ ڪيئن دنيا پاڪستان کي دل کولي مدد ڪئي. پرڏيهي وزير چيو تہ اسان جي اعلانن سان اهو تاثر وڃي رهيو آهي تہ امداد ملڻ ڪانپوءِ سمورا مسئلا حل ٿي ويندا پر ائين نہ آهي. اڄ بہ ٻوڏ متاثر ڏکيائين جو منهن ڏسي رهيا آهن ۽ بي گهر آهن. زراعت کي ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي. مسئلا تمام گهڻا آهن ۽ متاثرن جو انگ بہ تمام گهڻو آهي. هن چيو تہ سياري جي موسم ۾ بہ ٻوڏ متاثر ڏکي صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن. سرندي وارن کي گذارش آهي تہ جنهن نموني بہ امداد ٻوڏ متاثرن لاءِ موڪلي سگهن موڪلين ۽ پنهنجن ٻوڏ متاثرن ڀائرن کي ڏکئي وقت ۾ ياد رکن.

بقايا 10

جو حڪم ڏئي ڇڏيو ٻئي طرف لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ احمد فاران خان جي بازيابي لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي ٿي. جنهن دوران ڪيس عدالت ۾ پيش ڪيو ويو عدالت احمد فاران خان جي بازيابي لاءِ داخل درخواست اڪلائي ڇڏي.

بقايا 11

جيڪي ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال کڻي ويا. ريسڪيو اختيارين جو چوڻ آهي تہ جاپاني عورت جي عمر 80 سال جي ويجهو آهي ۽ شروعاتي جاچ جي ڪارڻ طبعي موت ٻڌايو ويو آهي جڏهن تہ پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ ڪانپوءِ ئي ڪارڻ جي ڄاڻ ملندي.

بقايا 12

ڪي چيو پيو وڃي تہ اسان عمران خان کي مائنس ڪري ڇڏيو آهي. پئسن جي آڇ الڳ. ماڻهن کي ڌمڪيون بہ ڏنيون پيون وڃن. ريڊ لائن عوام ٿي لڳائي سگهي ٿو. جيڪي ريڊ لائن جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن انهن کي سياست جي سمجهہ ناهي. هن چيو تہ پنج ماڻهو خريدڻ لاءِ اربين روپين جي آڇ ڪئي وئي. مون کي پنهنجي ٽيم تي فخر آهي. مون کي احساس آهي تہ توهان تي ڪيترو دٻاءُ وڌو پيو وڃي. عمران خان موجب مودي چئي رهيو آهي تہ پاڪستان پني رهيو آهي. اسان جي آزاد پرڏيهي پاليسي غلامن کي نہ وڻي. آءِ ايم ايف وٽ وڃن يا نہ مهانگائي ٿيندي. عدليا کي اپيل ٿو ڪيان تہ اسان جا ڪي حق آهن يا نہ؟ اسان جي دور ۾ هر شئي بهتر ٿي رهي هئي.

بقايا 13

ڪيا ويا. ان موقعي تي عمران خان چيو تہ فرحان خان کي پارٽي ايجنٽ سمجهي زخمي ڪيو ويو پاڪستان سان محبت ڪندڙن جو ڏوهہ ڪهڙو آهي. پوري قوم لاءِ اهو سواليہ نشان آهي. عمران خان پرويز الاهي جي فيملي کي نوفلائي لسٽ ۾ شامل ڪرڻ جي مذمت ڪئي ۽ چيو تہ وفاقي حڪومت سياسي انتقام ۾ انڌي ٿي چڪي آهي. حڪومت آئين ۽ قانون جون ڌڄيون اڏائي ڇڏيون آهن. هن چيو تہ پنجاب ۾ وفاقي حڪومت جي سازش ناڪام ٿي چڪي آهي. پي ٽي آءِ ۽ ق ليگ جا اسيمبلي ميمبر متحد آهن. پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي چيو تہ فرحان خان تي تشدد هجي يا ماڻهو کڻڻ جي سياست ۾ انتقام تي يقين نٿو رکان. شهباز شريف ۽ راڻا ثناءالله جي هر سازش ناڪام ٿيندي. ناڪاميون شهباز شريف ۽ راڻا ثناءالله جو مقدر بڻجي چڪيون آهن وفاقي حڪومت اقتدار جي لالچ ۾ بدترين انتقامي ڪارروايون ڪري رهي آهي

بقايا 14

۾ 5 رڪني بينچ چوڌري پرويز الاهي کي وڏي وزير جي عهدي تان هٽائڻ خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس عابد عزيز شيخ جي سربراهي ۾ 5 رڪني بينچ چوڌري پرويز الاهي کي وڏي وزير جي عهدي تان هٽائڻ خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران جسٽس عابد عزيز پڇائو ڪيو تہ ڇا معاملو حل ناهي ٿيو؟ جنهن تي چوڌري پرويز الاهي جي وڪيل بئريسٽر علي ظفر چيو تہ سمورا معاملا عدالت ۾ حل ڪيا ويندا. عدالت پڇائو ڪيو تہ هاڻي ڪهڙي پوزيشن آهي؟ جنهن تي گورنر پنجاب بليغ الرحمان جي وڪيل چيو تہ عدالت ڪيس ڪافي وقت ڏنو. سندس چوڻ هو تہ مناسب وقت نہ ڏنو ويو. عدالت ڪيس اعتماد جو ووٽ وٺڻ جو رستو بہ کوليو هو جسٽس عابد عزيز شيخ رمارڪس ڏيندي چيو تہ گورنر، وڏي وزير کان اعتماد جو ووٽ گهري سگهجي ٿو. آخر ۾ اهو فيصلو ميمبرن تي آهي تہ ڪير وڏو وزير بڻجي سگهي ٿو. تاريخ مقرر ڪري ڇڏينداسين. جسٽس عاصم حفيظ چيو تہ اوهان کي اهڙن ڏينهن ۾ اعتماد جو ووٽ وٺڻ جو موقعو مليو. جنهن تي بئريسٽر علي ظفر چيو تہ مان ان قانوني نقطي تي دليل ڏيندس. بئريسٽر علي ظفر چيو تہ پرويز الاهي رڳو ووٽ وٺي وڏو وزير ٿيو. جنهن تي جسٽس عاصم چيو تہ وڏي وزير کي 24 ڪلاڪ 186 ميمبرن جي حمايت حاصل هجڻ گهرجي.

بقايا 15

جيڪڏهن سندن سڄو ڌيان ماسٽر پلان جي منظوري تي هو تہ اسان جي عدالت کي درخواست آهي تہ جلد فيصلو ڏئي. اهو ڪيس تہ جيئن اقليتي حڪومت عوام تي مسلط نہ ٿئي. هنن چيو تہ عمران خان ملڪ جي سياست ۾ هڪ ولن آهي جنهن ماڻهن کي خراب اخلاق سيکاريو. منهنجي گاڏي تي جوتا مارا ويا ۽ جنهن شخص جوتا مارا ان کي اسان جي ڪارڪنن چڱي ريت ماريو. جنهن جو مون کي افسوس آهي پر هو غريب آهي. مظلوم ۽ بي شرم ماڻهوءَ جي هٿان گمراهہ ٿي ويو هن چيو تہ پرويز الاهي وٽ 186 ميمبر ناهن. هو ڪنهن بہ صورت ۾ اعتماد جو ووٽ حاصل نہ ٿا ڪري سگهن. اسان وٽ 179 ميمبر آهن ۽ رن آف اليڪشن ۾ اسان ڪامياب ٿي سگهون ٿا. فيصلو انهن تي آهي. هاڻي هو پنهنجي بيانن تي اعتماد جو ووٽ نہ ڏين تي ڪاوڙ اظهار ڪري رهيا آهن. هڪ سوال جي جواب ۾ راڻا ثناءالله چيو تہ جهانگير ترين سان سليمان شهباز جي اها پهرين ملاقات ناهي. هن کان اڳ بہ اهڙيون ملاقاتون ٿينديون رهيون آهن. جڏهن تہ حمزه شهباز پنهنجي والده جي عيادت لاءِ پرڏيهہ وڃي رهيو آهي. پنجاب حڪومت جو عهدو هٿائڻ بعد اسلام آباد واپس ويندس.

بقايا 16

جي بلند ترين سطح تي آهي.عالمي بئنڪ عالمي معاشي اثرن جي حوالي سان رپورٽ جاري ڪري ڇڏي آهي. جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ يوڪرين-روس جنگ سميت ڪيترن ئي سببن جي ڪري عالمي معيشت سست رفتاري جو شڪار آهي.پاڪستان جي حوالي سان رپورٽ موجب هلندڙ مالي سال ۾ ٻوڏ سبب پاڪستان جي معاشي ترقي جي شرح 2 سيڪڙو رهڻ جو امڪان آهي. ان کان اڳ عالمي بئنڪ پاڪستان جي جي ڊي پي گروٿ 4 سيڪڙو جي اڳڪٿي ڪئي هئي. عالمي بئنڪ موجب پاڪستان ڏکين معاشي حالتن کي منهن ڏئي رهيو آهي. تازو بدترين ٻوڏون ۽ سياسي غير يقيني صورتحال پاڪستان جي مشڪل معاشي حالتن جا بنيادي سبب آهن. پاڪستان سخت پرڏيهي قرضن جي واپسي جي خطرن کي منهن ڏئي رهيو آهي. ڊسمبر ۾ مهانگائي جي شرح 24.5 سيڪڙو تي 1970ع جي ڏهاڪي کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ آهي. ورلڊ بئنڪ جو چوڻ آهي تہ پاڪستان جي ٻوڏ سان جي ڊي پي جي 4.8 سيڪڙو جي برابر آهي.جون کان ڊسمبر تائين ڊالر جي مقابلي ۾ رپئي جي قدر ۾ 14 سيڪڙو گهٽتائي ٿي آهي. سخت موسم خوراڪ ۽ ضروري شين جي فراهمي تي اثرانداز ٿي سگهي ٿي. انفراسٽرڪچر ۽ زرعي پيداوار کي نقصان پهچي سگهي ٿو. جڏهن تہ ملڪ ۾ خطري جي پريميئم ۾ 15 سيڪڙو اضافو ڪيو ويو آهي.

بقايا 17

چوڪ تي اختتام پذير ٿي. ان موقعي تي حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن جو چوڻ هو تہ مهانگائي جي طوفان کي روڪڻ ۾ حڪمران مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪا آهن. حڪمران ڪرسي بچائڻ جي چڪر ۾ غريب عوام کي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪري رهيا آهن. اٽي جي روزاني جي بنياد تي اگهن ۾ اضافو ڳڻتي جوڳو آهي. سنڌ حڪومت سستي اٽي جا اعلان رڳو سياسي اعلان آهن. عوام اٽي جي لاءِ رڙن تي خوار ٿي رهي آهي. دڪانن تان 10 ڪلو اٽو 1600 روپيا جڏهن تہ في ماني 25 روپين ۾ وڪامجي ٿي. فوڊ کاتو ۽ پرائيز ڪنٽرول کاتو ڪرپشن جا شهنشاهہ بڻجي چڪا آهن. انهن کي غريب ۽ وچولي طبقي جي عوام جو ڪو احساس ناهي. ڪڻڪ گورنمنٽ جي گودامن ۾ خراب ٿي رهي آهي. جيڪو هڪ ظلم آهي. ريلي جي اندر سياسي، سماجي، مذهبي، قومپرست، واپاري اڳواڻن سميت عوام جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ٽائرن کي باهيون ڏنيون ويون. اپ نعريندڙ نعرا هنيا ويا. حڪمرانو مهانگائي ختم ڪريون يا ڪرسي ڇڏي ڏيو. اٽو سستو ڪريو ڪاڌي پيتي جي شين جا اگهہ گهٽايو نہ تہ روزانہ جي بنياد تي احتجاجي ڌرڻا هنيا ويندا. ريلي ۾ مفتي محمد چمن زمان قادري، غلام مصطفيٰ قلبوٽو، عبيدالله ڀٽو، آغا طاهر مغل، عيدن جاگيراڻي، محمد رضوان قادري، شاهہ محمد انڍڙ، آغا محمد اڪرم دراني، بابو فاروقي، ڊاڪٽر سعيد اعوان، عبدالباري انصاري، محمد منير ميمڻ، محمد ڪاشف شمسي، علامہ عبدالستار بروهي، محمد عارف ڀٽي، گل حسن گوپانگ، زاهد رفيق، ڪامريڊ امام الدين، نعيم بلوچ، جاويد ميمڻ، سراج دوگر، حسيب جوڻيجو، امداد جهنڊير، فقير رمضان ڪورائي، عبدالجبار سومرو، طارق گهمرو، مسعود ڀيو، راشد صديقي، محمد رفيق، عبدالستار نوناري، عبدالڪريم سومرو، عدنان انصاري، محمد الياس، محمد شهزاد ۽ ٻين شرڪت ڪئي. حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو تہ حڪمران رڳو حڪمراني انجواءِ ڪرڻ ايندا آهن. ۽ عوام ويچاري مسئلن ۾ گهيريل آهي. ذخيرو مافيا حڪمرانن جي آشيرباد سان عوام کي ٻنهي هٿن سان لٽي رهي آهي. ضلعي انتظاميہ رڳو اجلاسن تي جلاس ڪري رهي آهي. جڏهن تہ قيمتون ڏينهون ڏينهن وڌي رهيون آهن. ڪڏهن کنڊ مافيا. ڪڏهن گيهہ مافيا ۽ هاڻ اٽي مافيا حڪمرانن جي سرپرستي ۾ غريبن جي گهرن جي چلهہ کي وسامي رهي آهي. عوام جي ووٽن سان چونڊيل حڪمران رڳو پنهنجي گهرن کي روشن ڪيو آهي عوام کي اونداهہ ۾ ڌڪي ڇڏيو ۽ عوام خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهي.

بقايا 18

سيد عبدالرحيم شيرازي موجب ڪومبنگ آپريشن ڪراچي پوليس چيف جي خاص هدايتن ۽ ڏوهاري عنصرن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيو ويو. سرچ آپريشن ۾ پوليس ايس ايڇ اوز. ايس ڊي پي اوز ۽ رينجر آفيسرن ۽ اهلڪارن حصو ورتو سرچ آپريشن ڪيو ويو جمشيد پوليس اسٽيشن. سرچ آپريشن دوران سڪيورٽي جا انتظام سخت ڪرڻ سان گڏ علائقي ۾ گهرن. دڪانن. هوٽلن ۽ ٻين بند ٿيل شڪي هنڌن جي تلاشي ورتي وئي تہ جيئن ڏوهاري عنصرن جو خاتمو آڻي سگهجي. آپريشن دوران شڪي ۽ ڏوهاري عنصرن جي سڃاڻپ لاءِ معلومات چيڪ ڪئي وئي. سرچ آپريشن دوران ڪيترن ئي شڪي ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو. جن کي تصديق بعد آزاد ڪيو ويو.

بقايا 19

طاقتور ترين قرار ڏنو ويو آهي. آرٽن ڪيپيٽل جي فهرست موجب گڏيل عرب رياستن جو پاسپورٽ رکڻ وارا شهري ويزا وٺڻ بنا 181 ملڪن جو سفر ڪري سگهن ٿا. يو اي اي ڪانپوءِ سوئيٽزرلينڊ، ڏکڻ ڪوريا، جرمني، سوئيڊن، فن لينڊ، لڪسمبرگ، اسپين، فرانس، اٽلي، نيدرلينڊز ۽ آسٽريا گڏيل طور تي ٻئي نمبر تي موجود آهن ۽ انهن ملڪن سان واسطو رکندڙن شهرين کي 174 ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ ويزا جي ضرورت نہ آهي. ڊنمارڪ، بيلجيئم، پرتگال، ناروي، پولينڊ، آئرلينڊ، برطانيا، آمريڪا ۽ نيوزيلينڊ جي پاسپورٽس جي حصي ۾ ٽيون نمبر آيو. انهن ملڪن جو پاسپورٽ رکڻ وارا ماڻهو 173 ملڪن جو بنا ويزا جي سفر ڪري سگهن ٿا.

بقايا 20

ڊپٽي اٽارني جنرل چيو تہ اٽارني جنرل اشتر اوصاف آهي. جسٽس قاضي فائز چيو تہ اشتر اوصاف استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي. سندس استعيفيٰ قبول ڪئي وئي آهي. هاڻي نئون اٽارني جنرل ڪير آهي؟ عدالت جي سوال تي ڊپٽي اٽارني جنرل شفقت عباسي لاعلمي جو اظهار ڪيو.ٻڌڻي دوران جسٽس قاضي فائز ايڊيشنل اٽارني جنرل عامر رحمان کي روسٽرم تي طلب ڪيو ۽ پڇائو ڪيو تہ نئون اٽارني جنرل ڪير مقرر ڪيو ويو آهي؟ عدالت جي استفسار تي عامر رحمان بہ نئين اٽارني جنرل جي مقرري بابت لاعلمي ظاهر ڪئي. جنهن تي جسٽس قاضي فائز ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو تہ اٽارني جنرل ڪانسواءِ ملڪ ڪيئن هلي رهيو آهي؟ توهان کي خبر ناهي تہ نئين اٽارني جنرل جو نالو؟ عدالت قانون واري سيڪريٽري کي ايندڙ ٻڌڻي تي طلب ڪندي هدايت ڪئي تہ قانون وارو سيڪريٽري ايندڙ ٻڌڻي تي نئين اٽارني جنرل جو مقرري ۽ اڳوڻي اٽارني جي استعيفيٰ سان گڏ اچي.

بقايا 21

هڪ رپيو مهانگو ٿيو آهي. اوپن مارڪيٽ ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر 228 رپين جو آهي.

بقايا 22

جي قيمت ۾ گهٽتائي نہ ٿي آهي ۽ قيمت 289 رپيا في ڪلو رهي آهي. ٻئي طرف ذريعن جو چوڻ آهي تہ پنجاب ۾ ڪڻڪ جو اگهہ وڌيڪ گهٽجي 3800 رپيا ٿي ويو آهي جڏهن تہ ڏکڻ پنجاب ۾ ڪڻڪ جو اگهہ 3500 رپيا آهي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ اٽي جي اگهہ ۾ گهٽتائي باوجود مارڪيٽ ۾ اٽي جو اگهہ گهٽ نہ ٿي سگهيو. مل ۽ فلور مل مالڪ قيمت گهٽائڻ لاءِ تيار ناهن. ذريعن موجب ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪمشنر اٽي جي سرڪاري اگهن تي عمل نہ ڪري رهيا آهن. دڪاندار اٽي جا من پسند اگهہ وصول ڪري رهيا آهن. لاهور شهر ۾ گوشت ۽ مکيون بہ مهانگي اگهن تي وڪرو ٿي رهيون آهن ۽ ان حوالي سان شهرين جو چوڻ آهي تہ سرڪاري اگهہ کان ڪيترائي ڀيرا مهانگو گوشت ۽ وڪرو ٿي رهيو آهي پر ان جي جاچ ڪرڻ وارو ڪير بہ ناهي.

بقايا 23

ڪندي 15 جنوري تي پ پ پ کي ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ چيو. ان موقعي تي محلي جي معززين پ پ پ کي ڀرپور سپورٽ ڪرڻ جو واعدو ڪيو. ان موقعي تي چوڌري فاروق زمان، عمران بروهي، مير صمد خان بروهي، بشير احمد رند. يار محمد گورشاني ۽ ٻين چيو تہ پ پ پ عوامي پارٽي آهي جنهن ڪري ماڻهو پ پ پ کي ووٽ ڏيندا آهن. بلدياتي اليڪشن ۾ سهراب گوٺ ٽائون جي يوسي 7 تي ڪامياب ٿي عوام لاءِ خدمت ڪندا رهندا سين. اميدوارن جون ڳالهيون. سهراب گوٺ ٽائون جي يوسي 7 لاءِ چيئرمين چوڌري فاروق زمان، وائيس چيئرمين، مير عمران بروهي، جنرل ڪائونسلر لاءِ بادل خان جتوئي ۽ ٻين چيو تہ پارٽي پاران اسان کي ٽڪيٽون ڏيئي نامزد ڪيو ويو آهي اسان ڪامياب ٿي يوسي جي عوام لاءِ ڪم ڪنداسين انهن چيو تہ پاڪستان پيپلزپارٽي واحد پارٽي آهي جيڪا عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ سيني جماعتن کان اڳتي آهي. انهن چيو تہ پارٽي اسان تي اعتماد ڪندي ٽڪيٽون ڏنيون آهن اسان عوام جي ووٽ سان ڪامياب ٿي پنهنجي علائقي جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندا سين.

بقايا 24

ڊجيٽل آدمشماري ڪرائڻ کان اڳ ان جو پائليٽ تجربو بہ ڪرڻ گهرجي. ڊجيٽل آدمشماري ۾ سڃاڻپ ڪارڊ وارو شرط ختم ڪيو ويو آهي تہ پوءِ آدمشماري کان اڳ سنڌ جا خدشا ختم ڪيا وڃن. سنڌ جو سڀ کان وڏو مسئلو هتي ڌارين جي موجودگي آهي. ڌارين جي ڳڻپ ضرور ٿيڻ گهرجي تہ جيئن خبر پئجي سگهي تہ سنڌ تي ڌارين جو ڪيترو بار آهي. آدمشماري ۾ سدائين سنڌ جي آبادي گهٽ ڏيکاري ويندي رهي آهي. آدمشماري واري مرحلي ۾ سنڌ جي ماڻهن کي متحرڪ رهڻ گهرجي. ٻوليءَ جي خاني ۾ سنڌي لکرائين. عوامي آواز سان پنهنجا خيال ونڊيندي نامياري دانشور ابرار قاضي چيو تہ آدمشماري ۾ سنڌ جو موقف رهيو آهي تہ ڳڻپ درست نٿي ٿئي. سنڌ جي آبادي گهٽ ڏيکاري وڃي ٿي. جيڪا ڳالهہ حقيقت تي ٻڌل آهي. پر هن وقت جيڪڏهن آدمشماري ٿئي ٿي ۽ ان ۾ سڃاڻپ ڪارڊ جو شرط ختم ڪيو ويو آهي اسان اڳ چوندا هئاسين تہ سڃاڻپ ڪارڊ نہ هجڻ ڪري اسان جا ماڻهو ڳڻپ ۾ شامل نٿا ٿين. چوتہ سنڌ جي ڏورانهن علائقن ۽ ڳوٺن ۾ اڪثر ماڻهن خاص طور تي عورتن جا سڃاڻپ ڪارڊ بہ ٺهيل ناهن هوندا. هن چيو تہ درست آدمشماري ٿئي ٿي تہ اسان جو انگ تمام گهڻو وڌي ويندو. سمورا ماڻهو آدمشماري ۾ شامل ٿي ويندا. آدمشماري جي فارم ۾ غير مقامي ماڻهن جو خانو شامل ٿئي ۽ ان تي عمل بہ ٿئي تہ پوءِ بنا سڃاڻپ ڪارڊ جي اها خبر پئجي ويندي تہ اسان وٽ ٻين صوبن يا ملڪن جا ماڻهو ڪيترا ترسيل آهن. سندس چوڻ هو تہ هن وقت اسان کي اها خبر ناهي تہ ڪيترا ٻاهريان ماڻهو هتي ترسيل آهن. پر جڏهن مڪمل انگ اکرا اچي ويندا تہ اسان کي خبر پئجي سگهندي تہ ڌارين جو انگ ڪيترو آهي. ان سان گڏوگڏ ڊجيٽل آدمشماري ۾ لوڪيشن بہ اچي ويندي، آدمشماري ۾ آبادي جي واڌاري سان اسان اين ايف سي ۽ اسيمبلي جي سيٽن ۾ اضافي جو بہ فائدو ٿيندو ۽ وفاق کان اسان وڌيڪ شيئر گهري سگهون ٿا. ان ڪري سنڌ جي ماڻهن کي آدمشماري ۾ متحرڪ رهڻو پوندو.

بقايا 25

ڪري ڇڏي. سنڌ ۾ مڪاني ادارن جي چونڊن جي ٻئي مرحلي ۾ 15 جنوري تي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ پولنگ ٿيندي. جنهن لاءِ اليڪشن ڪميشن جون تياريون آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويون آهن.ان حوالي سان چيف اليڪشن ڪمشنر سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن کي ڪراچي پهچڻ جي هدايت ڪئي جڏهن تہ اليڪشن ڪمشنر سنڌ سڪيورٽي جي صورتحال برقرار رکڻ لاءِ آءِ جي سنڌ کي خط بہ لکي ڇڏيو آهي. ڪراچي ڊويزن جي 7 ضلعن جي 25 ٽائونن ۾ 15 جنوري تي چونڊون ٿينديون ۽ 25 ٽائونن جي 246 يو ايس سي جي 984 واردن ۾ ووٽنگ ٿيندي. ڪراچي جي مرڪزي ضلعي ۾ 360 پولنگ اسٽيشنن ڪورنگي ۾ 318، ڏکڻ ۾ 224، اولهہ ۾ 111، ملير ۾ 119 ۽ ڪيماڙي ۾ 164 پولنگ اسٽيشنز کي انتهائي حساس قرار ڏنو ويو آهي. جڏهن تہ رينجرز ڪيڪ ريسپانس فورس طور علائقن ۾ موجود رهندي.

بقايا 26

جي نتيجي ۾ 3 عورتن سميت 5 ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا. ذريعن موجب اين 50 هاءِ وي تي زيارت ڪراس ويجهو ڪوئٽہ کان پنجاب ويندڙ ڪار ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر ٿي پيو حادثو ڪوهيڙو وڌي وڃڻ سبب پيش آيو ليويز ذريعن موجب پشين ۾ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويلن جي سڃاڻپ ڊي ايس پي بلوچستان ڪانسٽيبلري ۽ سندس گهر ڀاتين جي نالن سان ٿي آهي. ذريعن موجب حادثي ۾ بلوچستان ڪانسٽيبلري لورالائي جي ڊي ايس پي مختارملغاڻي، سندس گهر واري، پٽ ۽ 2 ڌيئرون فوت ٿي ويون. حادثي ۾ فوت ٿي ويل سمورن ماڻهن جي لاشن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 27

اسحاق سميجي، ڊاڪٽر مظهر ڏوتيو، پروفيسر ڊڪٽر شهنيلا ڏرداري، ڊاڪٽر سيد اظهر علي شاهہ ڊاڪٽر مطيع الرحمان بورڊ ميمرز طور شرڪت ڪئي جڏهن تہ امر فياض برڙي ٻولي ماهر انجنيئر جي حيثيت سان خصوصي طور شرڪت ڪئي. بورڊ جي اجلاس ۾ ٻڌايو ويو تہ سنڌي ٻولي کي جديد گهرجن تحت قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي ترقي ڏيارڻ لاءِ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي وسيلي ڊجيٽلائيز ڪرڻ لاءِ عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگئيج انجنيئرنگ ايڪٽ 2019 تحت وجود ۾ آندو ويو 11 ميمبرن تي ٻڌل بورڊ ۾ 5 سرڪاري جڏهن ۽ 6 غيرسرڪاري ميمبرز شامل آهن. ان موقعي تي ڳالهائيندي ثقافت کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار شاهہ چيو تہ سنڌي ٻولي جي ترقي لاءِ ضروري آهي تہ ان کي هر قسم جي ڊجيٽل اسڪرين تي آندو وڃي. بدقسمتي سان اسان جي ذهنن مان اڃا تائين ڪالونائيزيشن دور واري برتري نڪري ناهي سگهي. هن چيو تہ ٻولين جي ڊجيٽل ڳانڍاپي کان پوءِ دنيا جا مختلف ملڪ هاڻي پنهنجين ٻولين جي ڊجيٽلائيزيشن تي وڌيڪ ڪم ڪري رهيا آهن ڇاڪاڻ تہ هاڻي ڪنهن بہ ٻولي کي ٻي ٻولي ۾ ترجمو ڪري معلومات حاصل ڪرڻ ممڪن هوندو. صوبائي وزير چيو تہ سنڌي ٻولي کي ڪمپيوٽر انجنيئرنگ وسيلي ترقي وٺرائڻ لاءِ عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگئيج انجنيئرنگ جهڙي اداري کي عملي طور قائم ڪيو ويو هن چيو تہ عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگئيج انجنيئرنگ جي بورڊ وٽ فيصلا ڪرڻ جو پورو اختيار آهي. بورڊ ۾ بہ اسيمبلي ميمبرز جي شموليت رکي وئي آهي تہ جيئن اڳتي هلي ڪنهن بہ گهربل قانونسازي لاءِ مدد ملي سگهي.

بقايا 28

لاءِ نومبر جي فيول ايڊجسٽمنٽ جي مد ۾ بجلي سستي ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي . ذريعن جو چوڻ آهي تہ بجلي سستي ٿيڻ جو باضابطا نوٽيفڪيشن اڄ جاري ٿيڻ جو امڪان آهي جنهن بعد ڪراچي جي واهپيدارن کي ڊسمبر جي بلن ۾ وڏو رليف ملي ويندو.

بقايا 29

ڪابہ ڪارروائي نہ ڪئي. چور پوليس کان ڏاڍا ٻٽيل. رهواسي قيمتي شين کان محروم ٿيڻ لڳا. ان حوالي سان مير سومرو جي ڪرياني جي دوڪان مان گذريل رات نامعلوم چور دوڪان جي ڇت تي لڳل سولر پليٽون لاهي کڻي ويا. جنهن کان پوءِ دوڪاندار طرفان پڇاري ٿاڻي تي چوري جي اين سي پڻ داخل ڪرائي وئي پر اڃان تائين پوليس نہ تہ چور گرفتار ڪيا نہ ئي وري سولر پليٽون واپس ٿي سگهيون آهن. جڏهن تہ ساڳئي علائقي جي هڪ گهر مان نامعلوم چور گهر ۾ داخل ٿي روڪ رقم کان علاوه سولر پليٽون لاهي فرار ٿي ويا. هوڏانهن چورين جي وڌندڙ آزار سبب هتان جي رهواسين جو چوڻ آهي تہ چورين جي آزار سبب اسان راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور آهيون. پوليس کي آگاهي ڏيڻ باوجود اڃان تائين ڪک پڇي ٻيٽو نہ ڪيو آهي. جنهن سبب چور ديده دليري سان چوري ڪري فرار ٿي ويندا آهن. هنن وڌيڪ چيو تہ فوري طور تي چورن خلاف ڪارروائي ڪري ڪين گرفتار ڪيو وڃي. جيئن اسان سک جي ننڊ سمهي سگهون.

بقايا 30

سيد عبدالرحيم شيرازي موجب ڪومبنگ آپريشن ڪراچي پوليس چيف جي خاص هدايتن ۽ ڏوهاري عنصرن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيو ويو. سرچ آپريشن ۾ پوليس ايس ايڇ اوز. ايس ڊي پي اوز ۽ رينجر آفيسرن ۽ اهلڪارن حصو ورتو. سرچ آپريشن ڪيو ويو جمشيد پوليس اسٽيشن. سرچ آپريشن دوران سڪيورٽي جا انتظام سخت ڪرڻ سان گڏ علائقي ۾ گهرن. دڪانن. هوٽلن ۽ ٻين بند ٿيل شڪي هنڌن جي تلاشي ورتي وئي تہ جيئن ڏوهاري عنصرن جو خاتمو آڻي سگهجي. آپريشن دوران شڪي ۽ ڏوهاري عنصرن جي سڃاڻپ لاءِ معلومات چيڪ ڪئي وئي، سرچ آپريشن دوران ڪيترن ئي شڪي ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو جن کي تصديق بعد آزاد ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 01

ڪامياب ٿي ويا. جنهن مطابق ممتاز سولنگي صدر، مسرور چانڊيو سينئر نائب صدر، ميهر ڀهڻ نائب صدر، مظهر خاصخيلي جنرل سيڪريٽري، سهيل منگي ڊپٽي سيڪريٽري، پريس سيڪريٽري جاويد سومرو، آفيس سيڪريٽري ڪشن راجا، لائبريري سيڪريٽري گدا حسين خاصخيلي، مشتاق مري خزانچي ۽ آڊيٽر راجا رجب علي سمون شامل آهن. ٻئي پاسي پريس ڪلب نوشهروفيروز جي نون چونڊيل عهديدارن کي آجياڻو ۽ گذريل باڊي کي الوداعي آجياڻو ڏنو ويو. آجياڻي ۾ شهرين، سياسي، سماجي تنظيمن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي ۽ نامياري فنڪاره صائمہ منظور قومي گيت ڳائي ويٺلن کي جهومائي ڇڏيو. هوڏانهن سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق ڦل، ڊاڪٽر وزير بوزدار ۽ ٻين پهچي نئين چونڊجي آيل باڊي کي گلن جا هار ۽ اجرڪ پارايا

بقايا سنڌيار 02

مان ٻاهر نڪري ويو آهي روزمرہ جي استعمال ۾ ٿيندڙ شين جا اگهہ چوٽ چڙهيل آهن سنڌ حڪومت پاران اعلانيل 65 روپيہ ڪلو اٽي واري اعلان تي عمل نٿي سگهيو آهي جڏهن تہ شيخ پرڪيو ۾ اٽو 150 روپيہ ڪلو وڪامي رهيو آهي جڏهن تہ هٿرادو ڪيل مهانگائي غريب عوام جي چيلهہ چڀي ڪري ڇڏي آهي مزدور طبقو بہ ويلا ماني لاءِ پريشان آهن مظاهرين چيو تہ چونڊيل نمائندن توڙي ڊي سي ٽنڊو محمدخان اگهور ننڊ ستل آهن هنن مطالبو ڪندي چيو تہ وڌندڙ اٽي ۽ روزمرہ جي شين جي اگهن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ۽ شيخ پرڪيو شهر ۾ پڻ سستي اٽي جو اسٽال لڳائي غريبن کي رليف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 03

آهي، صحافي قلم جي طاقت جي ذريعي غريبن جو آواز ايوانن تائين پهچايو آهي، سيد افضل بخاري تفصيل موجب ايوان صحافت پريس ڪلب ميرپور ماٿيلو جي سال 2023 جي چونڊ ٿي گذري، جنهن ۾ صدر سيد افضل بخاري، سينئر نائب صدر هادي بخش جلباڻي، نائب صدر محمد امين سومرو، جنرل سيڪريٽري دين محمد لاشاري، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ظهير ڪولاچي، جوائنٽ سيڪريٽري شاهد سومرو، انفارميشن سيڪريٽري جاويد لاشاري، خزانچي آصف لاشاري، پريس سيڪريٽري اصغر ميراڻي آفيس سيڪريٽري سعيد چانڊيو، ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي چيئرمين محمد حنيف سومرو، ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ميمبر محمود خان بوزدار، منظور شيخ، نعمان ڪولاچي، عبدالرزاق ملاڻو، شيوا رائوڙ چونڊجي ويا. ان موقعي تي ايوان صحافت پريس ڪلب جي صدر سيد افضل بخاري چيو تہ صحافين هميشہ حق ۽ سچ جو آواز بلند ڪيو آهي، هن وڌيڪ چيو تہ صحافين هروقت غريب ۽ مظلوم ماڻهن جو ساٿ ڏنو آهي. ۽ قلم جي طاقت جي ذريعي غريبن جو آواز ايوانن تائين پهچايو آهي. هن وڌيڪ چيو تہ ايوان صحافت جا سڀ ميمبر منهنجا پائر آهن. ۽ انهن جي هر ڏک ۽ سک ۾ ساٿس گڏ هوندس.

بقايا سنڌيار 04

ٻارن جو اولاد هو. هوڏانهن ڪلوئي پوليس جو چوڻ آهي تہ نوجوان جي لاش پرسان جيت مار دوا ملي آهي. اسان مختلف رخن کان جاچ ڪري رهيا آهيون تہ نوجوان جو موت ڪيئن ٿيو، وڌيڪ پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد موت جو ڪارڻ معلوم ٿي سگهندو.

بقايا سنڌيار 05

شاہ رضوي - ارشاد حسين ناهيو - يار محمد منڇري شامل آهن ٺٽي شهر جي مين شاهي بازار ۾ اليڪشن ورڪ ڪيو جڏهن تہ آزاد اميدوارن پاران ٺٽي شهر ۾ حڪومتي پارٽي پ پ پ سان مقابلو ڪرڻ لاءِ انتخابي اتحاد ناهي اليڪشن ڪرڻ ۾ مصروف نظر اچي رهيا آهن ياد رهي تہ ضلعي ٺٽي ۾ حڪمران پارٽي پ پ پ پاران ضلعي ڪائونسل سميت ٺٽي ضلعي جي واحد ميونسپل ڪميٽي ٺٽو، ٽائون ڪميٽيز ۽ يونين ڪائونسلز تي بيٺل مختلف پارٽيز ۽ آزاد اميدوارن کي مختلف هيلن بهانن تہ ڪٽي وري ڌڙڪن ۽ ڌاٻن سان اليڪشن تان دستبردار ڪرائي هٿ ڪٺاڻ وارو سلسلو وڏي زور شور سان جاري آهي

بقايا سنڌيار 06

رند منظور رند اصغر رند خلاف ڳوٺاڻا سراپا احتجاج بڻيل، شڪندر رند ظفر رند دودو رند ۽ ٻين ميڊيا اڳيان داهيندي ٻڌايو آهي تہ مٿيان جوابدار اسان مٿان ڪوڙو جرڳي جو الزام هڻي اسان کي ڪيس کان هٿ ڪڍائڻ چاهي ٿو بااثر جوابدار حضورو رند پنهنجي ساٿين سميت اسان جي گهر مٿان هٿيارن سان حملو ڪري ڀن چٽن دودو رند ۽ ظفر رند کي گوليون هڻي مرٽنگ ڪري ڇڏيو هو جن جو ڪيس جوابدارن خلاف ايڊيشنل سيشن جج اوٻاوڙو جي عدالت سگهوري ۾ هلندڙ آهي اسان جو ڪنهن بہ جرڳو ناهي ڪيو ۽ نہ ئي اسان ڪارنهن جو الزام لڳايو آهي اسان خلاف حضورو رند سکر پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي ڪوشش اخبار ۾ بيان ڏنو ان کي اسين رد ڪيون ٿا ۽ اسان مٿان جوابدار حضورو رند اڳي بہ عدالتن ۾ جرڳي جون پٽيشنون ڪري چڪو آهي جن جو عدالتن ڪيس رد ڪري ڇڏيو هو ۽ ان کان علاوہ سکر پريس ڪلب جي صحافي برادري کي گهر جي تہ يڪطرفو بيان ريڪارڊ نہ ڪيو وڃي اسان جو پنهنجي زمين جي مالڪي کان 3 سالن کان جهيڙو هلندڙ آهي، وڏيرو حضورو رند ۽ ان جا ساٿي اسان کي ڪيس کان هٿ ڪڻڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن اسين آئي جي سنڌ ڊي آئي جي سکر ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي کي اپيل ڪيون ٿا تہ روپوش جوابدار اصغر رند ۽ وڏيرو حضورو رند ۽ ٻين خلاف ڪاروائي ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 07

متاثر آهيون نوٽيس وٺي تعليم حاصل ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي مطالبو وارہ هايرسيڪنڊري اسڪول جي شاگردن نويد احمد خاصخيلي، آفتاب علي چانڊيو، راجا چانڊيو ۽ ٻين طرفان تعلقہ پريس ڪلب وارہ اڳيان احتجاج ڪندي ميڊيا اڳيان داهيندي چيو تہ لاڙڪاڻو بورڊ طرفان نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي شاگردن جون فيسون وڌائي اسان غريب شاگردن کان تعليم جو حق ڪسيو ويو آهي، هن وقت هٿرادو ٻوڏ سبب اسان جا والدين گهر جو خرچو پورو ڪرڻ لاءِ پريشان آهن مٿان لاڙڪاڻو بورڊ طرفان فيس وڌائي اسان کي ۽ اسان جي والدين کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي تہ نوٽيس وٺي امتحاني فيس معاف ڪري اسان مان بيچيني ختم ڪري اسان کي تعليم حاصل ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 08

اهي. هاٿي چون ٿا تہ ڪڻڪ ڪوئا کائي ويا آهن. هن چيو تہ سنڌ ۾ سرڪاري گدامن مان اربن رپين جي ڪڻڪ چوري ڪئي وئي آهي، نيب کي گهرجي تہ ان جي تحقيقات ڪري. روس مان آيل ڪڻڪ کي مارڪيٽ ۾ پهچندي 20 کان 25 ڏينهن لڳندا تيستائين عوام جا لاهہ نڪري ويندا. هن چيو تہ سنڌ ۾ هر سال اربين روپين جي بارداني جي مد ۾ خردبرد ڪيا وڃن ٿا جنهن ۾ سنڌ بئينڪ سڌو سنئون ملوث آهي. جڏهن پنجاب ۾ 90 روپيا اٽو هو تہ سنڌ ۾ جو غريب ماڻهن کي 160 کان 170 روپيا ڪلو اٽو خريد ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي ان جو ذميوار صرف وزيراعلي سنڌ مراد علي شاہ آهي. آئون سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي اپيل ٿو ڪريان تہ هن معاملي جي انڪوائري ڪن تہ ڪيئن سنڌ حڪومت جي فوڊ کاتي جي گدامن مان ڪڻڪ جي چوري ٿي آهي ۽ اها چوري ڪنهن ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 09

گ ڪنٽرول اٿارٽي جي عملدارن رشوت جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي ايس بي سي اي جي عملدارن طرفان رهائشي علائقن ۾ دڪان اسڪول توڙي ٻيو ڪاروبار ڪولينڊڙ کي غيرقانوني ڄاڻائي سيل ڪيو وڃي ٿو جڏهن تہ رشوت وٺڻ بعد انهن سيل ڪيل دڪانن توڙي اسڪولن کي کولڻ جي اجازت ڏني وڃي 28 ڏينهن اڳ ضلعي ايسٽ جي اسڪيم 33 گلزار هجري پرسان ٽيچر سوسائٽي ۾ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي عملدارن الطاف ڪوڪر رياض جکرو ۽ الطاف سومرو جي اڳواڻي ۾ عملدارن طرفان هڪ D 19 ۾ نجي دي ايشيئن اسڪول کي رهائشي علائقي ۾ اسڪول کي غيرقانوني ڄاڻائي ان کي سيل ڪيو ويو هو جڏهن تہ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي عملدارن طرفان اسڪول مالڪ کان ڳري رشوت وٺڻ بعد سيل ڪيل اسڪول کي هلائڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي جنهن جي خلاف ايس بي سي اي جي عملدارن طرفان ڪا بہ ڪاروائي ناهي ڪئي وئي ان سلسلي ۾ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي عملدار رياض احمد جکرو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو تہ اسڪول رهائشي علائقي ۾ غيرقانوني طور تي کوليو ويو هو جنهن کي اسان سيل ڪيو هو اسڪول هلائيندڙ وڪيل بااثر آهي جنهن جي خلاف اسان ڪاروائي نٿا ڪري سگهون

بقايا سنڌيار 10

وئي، معصوم نينگري ۽ سنڌس امڙ زخمي، وارثن جو احتجاج، خبرموجب، خانپورمهر ويجهو سخيرو ملڪ لنڪ روڊ تي پرائيويٽ ڪار ۾ سوار خانپورمهر پوليس جا اهلڪار موٽرسائيڪل کي ٽڪر هڻي علي احمد ملڪ ۽ سنڌس پٽ امجد ملڪ کي ڪنيي ويا. جڏهن تہ ڪار جو ٽڪر لڳڻ ڪري معصوم نينگري وحيدان ۽ سنڌس ماءُ حرمت ملڪ زخمي ٿي پيون. ٻڌايو پيو وڃي تہ ڳوٺ سخيرو ملڪ واسي علي احمد ملڪ ٻارن سميت موٽرسائيڪل تي شهر اچي رهيو هو تہ پوليس روڪڻ جو اشارو ڪيو، موٽر سائيڪل نہ روڪڻ تي خانگي گاڏي ۾ سوار خانپورمهر پوليس جا اهلڪارن پيڇو ڪري موٽر سائيڪل کي ٽڪر هنيو. ٽڪر لڳڻ ڪري موٽر سائيڪل تي سوار سڀئي ڇٽا روڊ تي ڪري پيا جن ۾ نينگري ۽ سنڌس ماءُ زخمي ٿي پيون. ان سلسلي ۾ احتجاج ڪندي مسمات حرمت ملڪ ۽ ٻڌايو تہ اسين شهر وڃي رهيا هئاسين تہ پرائيويٽ ڪار ۾ سوار خانپورمهر پوليس جا اهلڪارن اسان جي موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيو جنهن سبب اسين ڪري پياسين نتيجي ۾ آئون ۽ منهنجي معصوم ڌيءُ زخمي ٿي پيون سين. هن ٻڌايو خانپورمهر پوليس موٽر سائيڪل ڪِرڻ بعد علي احمد ملڪ کي پٽ امجد ملڪ سميت ڪنيي کڻي وئي آهي. وارثن مطالبو ڪيو تہ فوري طور گرفتار ٿيل پي پٽ کي آزاد ڪيو وڃي. خانپورمهر پوليس جو چوڻ آهي تہ گرفتار جوابدار ڦرسميت مختلف ڪيسن ۾ ملوث آهن وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا سنڌيار 11

هائوس مڪلي تي ڊيوٽي دوران گذريل رات دير سان ڪيس بيدردي سان گوليون هڻي قتل ڪري سنڌس لاش قبرستان پرسان پاٽي جي کڏي ۾ اڇلايو ويو. جتان سنڌس سرڪاري رائيفل پڻ پوليس کي هٿ آئي اهي. اطلاع ملڻ تي مڪلي پوليس لاش کڻائي سول اسپتال مڪلي منتقل ڪري پوسٽ مارٽم ڪرايو ويو. ڪيس ظاهري طور تي 3 گوليون لڳل هيون. جن مان 2 گوليون پويان ۽ هڪ سامهون لڳل اهي. جيڪا ار پار ٿي ويئي اهي. گوليون لڳڻ ڪري سنڌس ٽنگ بہ ٽٽي وڃڻ سان گڏ ساڄي پاسي گولين لڳڻ واري هنڌ وٽان ڏکن جا نشان بہ ظاهر اهن. مڪلي پوليس موجب وارثن اچڻ بعد ڪيس داخل ڪرايو ويندو. مڪلي پوليس موجب ڪيس گوليون هڻي قتل ڪيو ويو اهي. جنهن جي جانچ کي پڻ وڌايو ويو اهي. جلد قاتلن کي گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچايو ويندو. ٻئي طرف مقتول پوليس اهلڪار امجد گندرو جي وارثن موجب سنڌس ڪنهن سان بہ ڪا دشمني نہ هئي. سنڌن نوجوان پوليس اهلڪار جي 3 ڏينهن اڳ ڪينجهر کان مڪلي ٿاڻي تي بدلي ٿي هئي. جنهن کي جيلاني هائوس مڪلي تي مقرر ڪيو ويو هو. هنن چيو تہ ظالمن ساڻن وڏو ظلم ڪري سنڌن گهر اجاڙي ڇڏيو اهي. هنن گهر ڪئي تہ سنڌن نوجوان پوليس اهلڪار جي سمورن قاتلن کي گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچائي ساڻن انصاف ڪيو وڃي. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. ٻئي طرف شهيد امجد گندرو جو لاش SSP ٺٽو جي حڪم تي پوليس لائين مڪلي پهچائي غسل ڏيڻ بعد ڪيس سلامي ڏيئي لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. شهيد جي وارثن گهر ڪئي آهي تہ سنڌن نوجوان پوليس اهلڪار امجد گندرو کي شهيد قرار ڏيئي سنڌس وارثن کي سمورين مراعتون ڏنيون وڃن. S54

بقايا سنڌيار 12

جن کي پوليس اڃان تائين ظاهر ناهي ڪيو ۽ نہ ئي وري انهن خلاف ڪاروائي ٿي آهي ذريع مان معلوم ٿيو آهي تہ جوابدارن جي ڀاري رقم جيڪا لکن جي حسان سان پوليس هٿ ڪيا جيڪي هو پئسا ڦٻائڻ خاطر ٽال مٽول ڪري رهي آهي. هوڏانهن ذرايع مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ گهٽن جوابدارن مٿان پوليس مقابلي جو بہ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جن جا نالا تہ ڏنا ويا آهن مگر انهن جي پوليس پريس رليز جاري نهي ڪئي ميڊيا رپورٽ مطابق انهن گرفتار ٿيل جوابدارن مٿان پوليس هڪ ٻي ايف آئي آر ڪري ٻنهن ايف آئي آرن ۾ شو ڪيو ويندو. جيڪا سراسر زيادتي آهي، ايس ايس پي گهوٽڪي کي گهرجي تہ اگر هو جوابدار اصل مجرم آهن تہ انهن خلاف ڪاروائي چو ناهي ڪئي وئي جن کي اڃان خفيا هنڌ رکيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 13

ڪمشنر لاڙڪاڻو گهنور خان لغاري ، عوام کي سبسڊي ريٽ تي اٽو فراهم ڪرڻ بابت زوم تي ڊويزن جي ڊپٽي ڪمشنرن ، اسسٽنٽ ڪمشنرن ، ڊي ايف سيز ۽ ٻين آفيسرن سان گڏجاڻي ڪندي ڪئي. هن چيو تہ ڊپٽي ڪمشنر ان ڳالهہ کي يقيني بنائين تہ پنهنجي نگراني ۾ ورهاست ڪرائين . ۽ ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي برداشت نہ ڪئي ويندي. هن چيو تہ ورهاست ۽ اٽي جا اسٽال ڊپٽي ڪمشنر پاڻ تجويز ڪن. گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ابرار جعفر چيو تہ شڪارپور ۾ روزانو سبسڊي جا ٻارنهن هزار ڏهہ ڪلو جا بيگ جي ڪوٽا آهي . فلور ملن جي پيداواري گنجائش تحت اٽي جي ورهاست ڪئي ويندي. ٻئي طرف ڊويزنل آفيسر فوڊ ڪمشنر لاڙڪاڻو کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ڏهہ ڪلو جي بيگ جي ڪوٽا 4,578، ڪشمور ڪنڌڪوٽ ۾ 6,531 شڪارپور 11,000 جيڪبآباد 2,200 ۽ لاڙڪاڻو ۾ 2,791 بيگ روزانو مقرر آهي . جڏهن تہ شڪارپور ۾ هڪ مهيني ۾ سئو ڪلو جي ٻورين جي ڪوٽا جو تعداد 62,000 هزار ڪوٽا آهي . ٻئي طرف پوليو مهم ۽ شاگردن کان امتحاني فيس اوڳاڙڻ بابت گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي ڪمشنر لاڙڪاڻو گهنور خان لغاري چيو تہ بورڊ پاران ڪنهن بہ شاگرد کان انرولمينٽ ۽ امتحاني في وٺڻ غير قانوني آهي ۽ سرڪار پاران اهڙو ڪوبہ نوٽيفڪيشن جاري ناهي ڪيو ويو ۽ ان سلسلي ۾ اهڙي شڪايت آهي تہ لاڳاپيل آفيسر ان خلاف قدم کڻن. پوليو مهم بابت ڊويزن جي ڊپٽي ڪمشنرن ويڪسينيٽرن ۽ ليڊي هيلٿ ورڪر جي ڪوٽ بابت بريفنگ ڏني.

بقايا سنڌيار 14

ميمڻ ،سنڌ پريس ڪلب باڍهہ صدر علي اصغر ڊڪڻ ،قربان ابڙو، غلام قادر سولنگي، وقار حسين سولنگي، فدا حسين شيخ ،سرائي غلام محمد پهنور، ۽ ٻين شرڪت ڪئي ،هوڏانهن نوجوان صحافي نجم الدين ڪوري چوڻ هو تہ، انهن سڀني دوستن ۽ سٿ جي ساٿين جو شڪرگزار آهيان جن جنم ڏينهن جي خوشي ۾ شريڪ ٿي ۽ گفٽ سان گڏجي گلن جا هار پارائي مون کي ايتري عزت مان ڏنو انهن سڀني دوستن جو بہ شڪر گزار آهيان جن منهنجي لاءِ فيس بڪ تي ۽ ڪال ڪري مون کي برٿ ڊي وش ڪئي وڏي عمر جي لاءِ دعائون پڻ ڪيون ويون

بقايا سنڌيار 15

محمد نول جي رهواسين غيور عباس نول، خان محمد نول پريس ڪلب سينارجا پهچي احتجاج ڪندي دانهيو آهي تہ ڳوٺ پرسان قبرستان پير احمد شاہ جيڪو ديہ خدابخش ڪبر ۾ آهي جنهن جي ايراضي 3 جريب آهي جنهن جي پلاٽ تي زبردستي صدورو. جاويد. حب علي. سڪ علي. ذوالفقار. هاشم. مصطفا اسلامي وارن زبردستي هڪ جريب تي قبضو ڪيو آهي جيڪي قبرستان ۾ موجود قبرن جي بيحرمتي ڪري رهيا آهن هنن چيو تہ اسان جي علائقي جو وڏو قبرستان آهي جنهن ۾ علائقي جي راڄپر. نول اسلامي ۽ سيال برادري جا ماڻهون پنهنجي پيارن کي دفنائيندا آهن هنن هاءِ ڪورٽ سکر کان گهر ڪئي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي ٽيل قبضو ختم ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 16

پنهنجن ساٿين سان گڏ نشي ۾ ڌُت ٿين ڪانپوءِ جوڳي برادرين جي عورتن،مردن سميت ٻارڙن تي بندوق تاڻي ڌمڪيون ڏنيون.جنهن سبب عورتن ۽ ٻارڙن ۾ ڪيهاٽ پئجي ويا.عورتن ۽ ٻارڙن جي رڙين تي پهتل ماڻهن کي بہ پوليس اهلڪار هٿيار ڏيکاريندي پوليس جو ماڻهو هجڻ جا ڏاڍا ڏنا.اهلڪار سرڪاري هٿيار جي سرعام نمائش ڪندو رهيو.اهڙي عمل بعد جوڳي برادري جي عورتن ۽ مردن پاران پوليس اهلڪار خلاف احتجاج ڪندي متاثر لالچند جوڳي پوليس وٽ درخواست داخل ڪرائيندي موقف اختيار ڪيو آهي تہ منهنجيون ٻڪريون پاسي واري جڳهہ جو گيٽ کليل هجڻ ڪري اُن ۾ داخل ٿيون.مون گيٽ جو ڏر کڙڪائي ٻڪريون ڪيڍڻ لاءِ عرض ڪيو تہ اندر ويٺل پوليس اهلڪار سهيل ميگهواڙ ۽ مصري ٻجير نشي جي حالت ۾ هٿيار ڪڍي مون کي مارڪٽ ڪئي،آئون ڇڏائي پرسان ستار ڍهوڻ جي اوطاق تي پهتس تہ نشي ۾ ڌُت اهلڪار ننڍڙي شاگرد آفتاب ڍهوڻ تي هٿيار تاڻي ورتا.جنهن بعد پاڙي وارن پهچي مونکي ڇڏايو.پوليس اهلڪار پاڙي وارن کي بہ موتمار ڌمڪيون ڏيندو رهيو.مون سان انصاف ڪيو وڃي.جوڳي برادري جي عورتن ۽ مردن احتجاج ڪندي چيو تہ پوليس اهلڪار سهيل ميگهواڙ ۽ ٻين نشي ۾ ڌُت ٿي اسان تي حملي جي ڪوشش ڪئي،هٿيار تاڻي مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون.اسين غريب مسڪين آهيون.انصاف ڪيو وڃي.ٻي پاسي معاملو ميڊيا تي هاءِ لائيٽ ٿيڻ بعد پوليس پاران الزام هيٺ آيل اهلڪار سهيل ميگهواڙ ۽ ساٿي مصري ٻجير کي گُهرائي ٿاڻي تي ويهاري ڇڏيو آهي.ڪا بہ ڪاروائي ناهي ڪئي وئي.پوليس پنهنجي پٽي پائي کي بچائڻ لاءِ جوڳين تي ٺاءَ لاءِ ڏٻاءُ وجهي رهي آهي،رابطي تي ايس ايچ او قادر بخش ٻهراڻي ٻڌايو تہ جوڳين جي شڪايت تي اسان پوليس اهلڪار سهيل ميگهواڙ ۽ مصري ٻجير کي ٿاڻي تي ويهاري ڇڏيو آهي.جوڳي برادري جي ماڻهن کي چيو آهي ڪاروائي ڪرائڻ چاهيون ٿا تہ اين سي داخل ڪرائين.هن چيو تہ پوليس اهلڪار چوي ٿو تہ جوڳين جون ٻڪريون منهنجي گهر اندر داخل ٿيون اُنهن ڪري رڳو منهماري ٿي آهي.باقي مون ڪجهہ ناهي ڪيو.

بقايا سنڌيار 17

وڏي انگ ۾ شرڪت تفصيل موجب صحافت ۾ پنهنجو پاڻ مڃرائيندڙ سينئر صحافي اينڪر پرسن ملير ميڊيا سينٽر جي صدر زوهيب زرداري جي سالگرهہ تقريب ملير ميڊيا سينٽر ۾ ملهائي وئي ان موقعي تي صحافي فيروز ڪيريو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ جي تمام ضلعن ۾ زوهيب زرداري جهڙا نڊر صحافي هجڻ گهرجن جيڪي بنا ڪنهن مفاد لالچ جي صحافين جي حقن لاءِ جدوجهد ۽ عوام جي آواز کي اعلي ايوانن تائين پهچائڻ ٿا پروگرام ۾ آمريڪن ايمبيسي ايڊمن عبدالحليم ڪليري ، صحافي شهزادو مستوئي، قومي عوامي تحريڪ شاہ لطيف ٽائون يونٽ جو صدر جنسار علي هيسباڻي، گلزار جسڪاڻي، مختيار ڪليري، حق نواز سومرو ،فيروز ڪيريو، نادر وسير، يونس شيخ، عبدالحميد ڪليري، ذوالفقار علي نصيراڻي، عابد ميمڻ، عبدالصمد، عبدالوحد بليدي، ڪامريڊ علي چانڊيو ، علي شير جمالي، سعيد الله، چاچو پهلوان ٻرڙو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن تہ پروگرام جي آخر ۾ قومي راڳي رحمان ميراڻي قومي گيت ڳائي محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

بقايا سنڌيار 18

جي تنظيمن جي ادارن سان رجوع ڪرڻ جو فيصلو قانوني ماهرين سان مشورا جاري آهن جلد ڪيس داخل ڪيو ويندو هيومن رائٽس پروٽيڪشن فورم جو مرڪزي اڳواڻ مفتي نعمت الله ڪولاچي تفصيل موجب گذريل ڪيترن ئي سالن کان گهوٽڪي ضلعي جي صنعتي ادارن جي انتظاميا پاران مقامي ماڻهن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ فضائي آلودگي سي ايس آر فنڊ گهوٽڪي ضلعي تي خرچ نہ ڪرڻ واري عمل خلاف هيومن رائٽس پروٽيڪشن فورم آف پاڪستان جي مرڪزي قيادت حرڪت ۾ اچي وئي آهي ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن هيومن رائٽس پروٽيڪشن فورم آف پاڪستان جي مرڪزي اڳواڻ مفتي نعمت الله ڪولاچي جو ميڊيا سان ڳالهائيندي چوڻ هو تہ گذريل ڪيترن ئي سالن کان ايف ايف سي ماڙي پيٽروليم ڪمپني ۽ اينگرو يوريا ڪمپني پاران مقامي ماڻهن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ اختيار ڪيو پيو وڃي مقامي ماڻهن لاءِ روزگار جا دروازا بند ڪري سيپر سيڪورٽي گارڊ خادم مسجد کان وٺي سمورين پوسٽن تي ڌارين جي لوڊ ڀرتي ڪري ڇڏي آهي هاڻ تہ مقامي ماڻهن لاءِ ڊيلي ويجز مزدوري جا دروازا بہ بند ڪري ناانصافي جي حد ڪري ڇڏي آهي جيڪو مقامي ماڻهن سان ظلم آهي تہ وري ٻي طرف رائيلٽي سي ايس آر فنڊ بہ ضلعي گهوٽڪي تي خرچ نہ پيو ڪيو وڃي مقامي ماڻهن کي تعليم اسپتال صاف پاڻي جي سهولت بہ نٿي ڏني وڃي چا مقامي ماڻهون انسان ناهن ايف ايف سي انتظاميا ٻوڏ متاثرين جي مدد جي نالي تي رڳو ڪوڙيون دعوائون هر آئي ڏينهن ڪيون پيون وڃن هن وقت تائين گهوٽڪي ضلعي جي سوين ڳوٺن ۾ ايف ايف سي انتظاميا يا اينگرو يوريا پاران ڪوبہ رليف فراهم نہ ڪيو ويو آهي نہ هي سروي ڪئي وئي آهي ڪجهہ من پسند ماڻهن جي نالن تي جعلي بلنگ رليف فراهم ڪرڻ جي شو ڪئي پئي وڃي پر حقيقت هن جي ابتڙ آهي ان سلسلي ۾ اسان جا قانوني ماهرين سان رابطا جاري آهن جلد ڪيس تيار ڪري يونائيٽيڊ نيشن آرگنائيزيشن ، يونيسڪو ، کي موڪلڻ سان گڏ و گڏ عدالت سان رجوع ڪيو ويندو هاڻ صنعتي ادارن جو مقامي ماڻهن سان وڌيڪ ظلم برداشت نہ ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 19

عرس شريف جي مرڪزي تقريب سجاده نشين درگاهہ عاليہ لواري شريف حضرت قبلا پير محمد صادق قريشي نقشبندي جن جي طرفان درگاهہ عاليہ لواري شريف تي ٿي گذري، جنهن ۾ جماعت لواري شريف جي هزارين مريدن ۽ عقيدتمندن شرڪت ڪئي. جڏهن تہ عرس شريف جي تقريب جو آغاز ظهر نماز سان ٿيو جنهن بعد قرآن خواني، تسبيح ۽ حمد و ثنا سان گڏ دعا پڻ گهري وئي، تقريب کان اڳ آيل مريدن ۽ عقيدتمندن ۾ لنگر تقسيم ڪيو ويو، تقريب جي آغاز ۾ ملڪ و قوم، پاڪ فوج ۽ ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون. ٻئي طرف درگاهہ عاليہ لواري شريف جي اڳين سجاده نشين حضرت قبلا پير حاجي فيض محمد قريشي نقشبندي قدس سره جن جو عرس شريف ڪراچي، حيدرآباد، شهيد بينظيرآباد، لاڙڪاڻو، قمبر، دادو سيتا سميت سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پڻ ملهايو ويو.

بقايا سنڌيار 20

سنڌس ٽيم کي جنهن اڄ ڳوٺ شريف پيرزادا لڳ هنگورجہ ۾ معزور امڙ کي ويل چيئر تقسيم ڪيو ويو سائين جن جس هجي اسان سلام پش ڪيون ٿا چيئرمن احساس سوشل فورم سلمان عاطف ۽ ان جي پور ٽيم کي جنهن غريبن جي لاءِ جڪٽ ٽنٽ ترپال راشن وغير وغيره تقسيم ڪندا رهندا آهن

بقايا سنڌيار 21

جنوري تي پ پ پ کي ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ چيو. ان موقعي تي محلي جي معززين پ پ پ کي ڀرپور سپورٽ ڪرڻ جو واعدو ڪيو، ان موقعي تي چوڌري فاروق زمان، عمران بروهي، مير صمد خان بروهي، بشير احمد رند، يار محمد گورشاڻي ۽ ٻين چيو تہ پ پ عوامي پارٽي آهي جنهن ڪري ماڻهو پ پ پ کي ووٽ ڏيندا آهن. بلدياتي اليڪشن ۾ سهراب ڳوٺ ٽائون جي يوسي 7 تي ڪامياب ٿي عوام لاءِ خدمت ڪندا رهنداسين، اميدوارن جون ڳالهيون، سهراب ڳوٺ ٽائون جي يوسي 7 لاءِ چيئرمين چوڌري فاروق زمان، وائيس چيئرمين، مير عمران بروهي، جنرل ڪائونسلر لاءِ بادل خان جتوئي ۽ ٻين چيو تہ پارٽي پاران اسان کي ٽڪيٽون ڏيئي نامزد ڪيو ويو آهي اسان ڪامياب ٿي يوسي جي عوام لاءِ ڪم ڪنداسين انهن چيو تہ پاڪستان پيپلزپارٽي واحد پارٽي آهي جيڪا عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ سڀني جماعتن کان اڳڀري آهي، انهن چيو تہ پارٽي اسان تي اعتماد ڪندي ٽڪيٽون ڏنيون آهن اسان عوام جي ووٽ سان ڪامياب ٿي پنهنجي علائقي جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندا سين.

بقايا سنڌيار 22

ميمڻ پنهنجا خيال پيش ڪندي چيو تہ عبدالجبار "عاجز" منگي بهترين طبيعت جو مالڪ آهي. هن جي طرفان هميشہ علمي، ادبي ۽ سماجي دوستن کي مان ملندو رهندو آهي. "عاجز" منگي کي مون پنهنجائپ ۽ پيار ۾ محبتون ونڊيندي ڏٺو آهي. ان سان گڏوگڏ نسيم بخاري ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو تہ اڄ جنهن شخصيت جو جنم ڏينهن ملهائي رهيا آهيون سو نهايت خوشگوار ماحول کي پسند ڪندڙ. گلاب جي گل جهڙو شخص آهي. شڪارپور جي ادبي ماحول ۾ سندس وجود مهڪيل نظر اچي ٿو. هو پنهنجي شعرن وسيلي لفظن جا پوپٽ اڏارڻ گهري ٿو ۽ امن جي ڳالهہ ڪندي نظر اچي ٿو. نوجوان ڪالمسٽ همير چانڊيو تقريب ۾ ڳالهائيندي چيو تہ عبدالجبار عاجز منگي جا غزل ۽ وايون مظلوم جي ڳوڙهن مثال دل مان نڪرندڙ دانهن لڳندا آهن. هن وٽ شاعريءَ جو فن فقيري جي مجسمي مثال اعلي آهي، عڪس زندگيءَ جا ۽ رقص زندگيءَ جا لفظ ڪيس ٻار جي مرڪ وانگي منڙا لڳندا اٿس. سنڌ مان شايد ئي ڪو شاعريءَ جو ڪتاب هن جي عقاب جهڙي اک کان بچيل هجي. سائين عبدالجبار "عاجز" منگي کي ادب سان تمام گهڻو لڳاءُ آهي، هو پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ خاص دلچسپي رکي ٿو. ليکڪ ۽ مترجم اظهر "آزاد" مغل چيو تہ عبدالجبار "عاجز" منگي دوستن جو گهرو دوست ۽ يارن جو يار آهي جيڪو پنهنجي سنجيده طبيعت سبب پڻ سڃاتو ويندو آهي. هو گهڻن ئي صلاحيتن جو مالڪ پڻ آهي. شاعر جي حيثيت ۾ هن جي شاعري ۾ رواني ۽ ٻولي جي خوبصورتي سان گڏ خيالن جي پختگي ۽ انداز بيان ۾ رنگيني نظر اچي ٿي. شڪارپور جي سماجي شخصيت غلام علي گل ميمڻ اسٽيج تي پنهنجي خيالن جو اظهار ونڊيندي چيو تہ شڪارپور جي علمي ۽ ادبي ماحول ۾ مون هميشہ سائين عبدالجبار "عاجز" منگي کي سرهو ڏٺو آهي ۽ ان جو بہ شاهد آهيان تہ هن مهان شخص طرفان دوستن کي محبت ئي پلئہ پئي آهي. مون ڏٺو آهي تہ هو سگهارو ڪوي بہ آهي تہ حساس شخص بہ آهي. هن وٽ ٻين جي درد کي پنهنجو محسوس ڪرڻ جي عادت گهڻي آهي. عبدالواسع عبد سهنڊڙو چيو تہ عبدالجبار عاجز منگي شڪارپور جو هڪ سهڻو ۽ سيبتو ملنسار، ذات ڏٺي، قلمڪار، اهل سخن ۽ شاعر آهي. پروگرام ۾ شاعر اديب ۽ استاد عبدالجبار "عاجز" منگي پروگرام ۾ آيل سڀني دوستن جو ٿورو مڃيندي چيو تہ مون کي دوستن جي طرف کان جيڪي محبتون مليون آهن اهي وسري نہ سگهنديون. منهنجي تخليقي سگهہ بہ ارادن جيان اڃان مضبوط آهي. تقريب ۾ آخر ۾ مشاعري جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ عابد نياز ميمڻ، ارباب علي عادل چوهاڻ، شفيق عاصم منگي، عبدالجبار عاجز منگي، محبت بابلاڻي، عبدالجبار عبد سومرو، منصور شيخ، وفا منظور چوهاڻ، شڪيل جان پٺاڻ، نقاش هڪڙو، نسيم بخاري، نذير احمد نذير ديهو، بيوس بهار سومرو، احمد نواز سومرو، عبدالواسع عبد سهنڊڙو، امتياز منگي ۽ مختيار سومرو پنهنجا لکيل شعر پڙهيا جڏهن تہ پروگرام جي آخر ۾ نادر بلوچ شاعري ترنم ۾ ڳائي ماحول کي اڃان وڌيڪ خوشگوار بڻائي ڇڏيو.

بقايا سنڌيار 23

تي گهرائيو وڃي ٿو اسان جي ڳوٺ ۾ سي سي بلاڪ گهٽيون ۽ گرلس اسڪول پڻ موجود نہ آهي اسان ابن ڏاڏن کان وٺي ووٽ پيپلز پارٽيءَ کي ڏيندا اچون ٿا اسان جي ڳوٺ جا اڳواڻ بخشل پڳهيو اسلم پڳهيو ۽ مختيار عرف مڪو پڳهيو جو چوڻ آهي تہ اسان پنهنجي حد وارن ايم پي اي مخدوم محبوب الزمان سائين ۽ مخدوم جميل الزمان سائينءَ جن کي اپيل ٿا ڪريون تہ اسان جي ڳوٺ جا ترقياتي ڪم ڪرائي ڏنا وڃن تہ جيئن ڳوٺ جو عوام پريشانيءَ کان بچي سگهي ۽ ڳوٺ ۾ گرلس اسڪول کولرائي ڏنو وڃي تہ اسان جي ڳوٺ جون نياڻيون تعليم جو زيور حاصل ڪري سگهن

بقايا سنڌيار 24

زبد بنت الهداد خاصخيل شهزاد ولد الل داد خاصخيل. انور ولد الل داد خاصخيل شامل آهن زخمين کي اڏيرولال ولهيج جي پوليس مقامي ماڻهن جي مدد سان مٽياري اسپتال پهچايو جڏهن تہ آئل ٽينڪر ڊرائيور ٽينڪر ڇڏي فرار ٿي ويو اڏيرولال پوليس ٽينڪر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي زخمي ٿيندڙ ڪار سوارن جو تعلق خاصخيلي برادريءَ سان آهي ۽ هو سانگهڙ شهر سان سنڌن تعلق ٻڌايو وڃي پيو

بقايا سنڌيار 25

مستحق ۽ غريبن مزدورن کي سستي اگهہ تي اٽو ڏئي رهيا آهيون ڪجهہ هنڌ تي اٽي جي ڪوالٽي بابت شڪايتون مليون جنهن تي پڻ نوٽيس ورتو آهي جنهن لاءِ ڪوالٽي ڪنٽرول ڪاميٽي مقرر ڪئي وئي آهي جيڪا اٽي جي ڪوالٽي چيڪ ڪندي ۽ ڪوتاهي ڪندڙن کي ڪڏهن بہ بخش نہ ڪيو ويندو هن چيو تہ اسان جي ضلعي ۾ اٽي جي ڪوٽ ناهي هن وقت پوري ضلعي ۾ 21 هنڌن تي اٽي جا اسٽال قائم ڪيا ويا جتي عوام کي سستي اگهہ تي اٽو فراهم ڪيو پيو وڃي، جڏهن تہ دادو روڊ تي حنا فلور ۽ فرحان فلور مل اڳيان پڻ اسٽال لڳايو ويو جتي عوام کي اٽو ڏنو ويو، ان موقعي تي اي ڊي سي ون عمار حسين، اي سي مورو حسان ظفر، مختيارڪار وزير چند، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر موسي گونڊل، سپروائيزر منظور علي ڪورائي، تپيدار حافظ دين محمد سولنگي، تپدار منظور سولنگي ۽ ٻيا ساڻس گڏ هئا.

بقايا سنڌيار 26

نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي هنن آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ حڪومت اسان ملازمن سان ناجائزي ڪري رهي آهي اسان جا هيلٿ رسڪ الائونس ، ٽائيم اسڪيل بحال ڪري ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف جا جائز مطالبا منظور ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 27

اسڪول عثمان هيجب تي هڪ گونگي ۽ ٻوڙي شخص صحت کاتي جي ملازم وارڊ سرونٽ ذوالفقار علي واريو کي پولينگ افيسر مقرر ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو ڳالهائي توڙي ٻڌي بہ نٿو سگهي، جيڪو معذور ڪوٽا تي ڀرتي ٿي آيو اهي. اليڪشن ڪميشن جي اعليٰ اختيارين کي هن معاملي جو فورن نوٽيس وٺڻ گهرجي، چاڪاڻ جو پولينگ آفيسر جو ڪم آهي تہ هو لسٽ ڏسي ووٽ ڪاسٽ ڪري ووٽر جو نالو پڪاري ٿو. پر اليڪشن ڪميشن ان جي ابتڙ هڪ گونگي ۽ ٻوڙي انسان کي مقرر ڪري ڇڏيو آهي. جنهن تي عوام حيرانگي جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 28

محمد خان جي سرڪاري ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال ۾ قائم ڪيل هيپاٽائٽس جي مرض جي بچاءَ لاءِ قائم ڪيل ڪئمپ جي افتتاحي تقريب کي او جي ڊي سي ايل جي سينئر ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر جهانگير خطاب ڪندي چيو تہ پوري دنيا ۾ هيپاٽائٽس جي مرض جي بچاءَ لاءِ جديد طبي سهوليت مڪمل علاج جو فارمولو اچي چڪو آهي ، جنهن جي ابتدائي مرحلي ۾ ڪورس کي مڪمل پابندي سان مريضن کي دوائن جو استعمال لازمي ڪرڻو پوندو جنهن جي تحت هي مرض انساني جسم مان مڪمل ختم ٿي صحتمند زندگي جو موقعو فراهم ڪندو ، هن اهو بہ انڪشاف ڪيو تہ هيپاٽائٽس بيماري جو جراثيم انتهائي خطرناڪ مرض جو حصو آهي جيڪو طبي ميڊيڪل علاج نہ ٿيڻ جي صورت ۾ انساني حياتياتي عمل لاءِ موت جو سبب پيدا ڪري ٿو ، هيپاٽائٽس انسان کي دماغي رڳن کان پوري جسم ۾ هٿن پيرن کي متاثر ڪري انسان جسم کي مفلوج ڪري ٿي ، تقريب کي آغا جان فائونڊيشن جي ڊاڪٽر اعجاز پٽي خطاب ڪندي چيو تہ هيپاٽائٽس بيماري انساني زندگي لاءِ انتهائي خطرناڪ مرض جو حصو آهي ، جنهن جو هاڻي جديد سهوليت تحت علاج ممڪن بڻجي سگهيو آهي ، تمام گهڻو خوجنا ڪانپوءِ طبي ماهرن هن بيماري جي خطرناڪ جراثيم کي ميڊيڪل جي سهوليت سان سنڌس خاتمي جو انت آڻڻ ۾ دوائن جو فارمولو پيش ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ ٽيبليٽس ، سيرپ سان گڏ انجيڪشن جو بہ استعمال ڪرڻ لازمي ڄاڻايو ويو آهي ، مقرر ڪيل حد تائين ڪورس کي لازمي مڪمل ڪرڻو پوندو تہ جيئن هي مرض هميشہ لاءِ ختم ٿي سگهي ، تقريب کي ڊي ايچ او ڊاڪٽر لڇمن داس خطاب ڪندي چيو تہ پوري دنيا ۾ بيمارين جي بچاءُ لاءِ جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي تحت علاج ڪرائڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي انسان جسم هر وقت خطرن جي گهيري ۾ ورتل آهي جنهن ۾ آب هوا ، موسم جي تبديلي ٿيڻ سان پڻ بيمارين جا حملا ٿين ٿا ، جنهن جي بچاءُ لاءِ ميڊيڪل جي سهوليت بهتر ثابت ٿي آهي ، هيپاٽائٽس جو خطرناڪ جراثيم پنهنجو پاڻ ميڊيڪل جي سهوليت سان ختم ٿي رهيو آهي پر ان ۾ بيمار مريضن کي لازمي علاج ڪرائڻو پوندو . تقريب کي ٽنڊو محمد خان سرڪاري اسپتال ۾ هيپاٽائٽس شعبي جي انچارج ڊاڪٽر محمد علي ميمڻ خطاب ڪندي چيو تہ هيپاٽائٽس جو مرض هاڻي ايترو خطرناڪ نہ بڻجي رهيو آهي ، جيترو هي مرض علاج نہ ڪرائڻ جي صورت ۾ وڌيڪ هاجيڪار ثابت ٿئي ٿو. هن مرض جي مريضن کي علاج جي سهوليت مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي . سنڌ جي سرڪاري اسپتالن ۾ صحت کاتي طرفان انيڪ سهوليتن جو بندوبست ڪيو ويو آهي . تقريب کي اسسٽنٽ ڪمشنر آفتاب بوزدار . سرڪاري اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر جاويد ميمڻ . آغا خان فائونڊيشن جي انچارج ماجد ميمڻ ، رشيد احمد ، نواب مئياڻي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو . جڏهن تہ طبي ڪئمپ ۾ سوين مريضن جو مفت علاج ڪرڻ سان گڏ مفت دوائن جي سهوليت پڻ فراهم ڪئي ويئي . جڏهن تہ او جي ڊي سي ايل ۽ آغا خان فائونڊيشن جي تعاون سان هيپاٽائٽس بيماري جي اسڪريننگ ۽ ٽيسٽنگ ڪئي ويئي ۽ ڪئمپ دوران ڊاڪٽرن جي ٽيم پاران هيپاٽائٽس کان بچاءَ بابت احتياطي تدبيرن کان آگاهہ ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 29

اديجو خلاف پريس ڪلب ٽنڊو باگو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪانفرنس ڪيي. جتي استادن چيو تہ آر او فيض محمد اديجو اليڪشن جي ڊيوٽين ۾ بلاجواز تنگ ڪري ٿو ۽ روزانا جي بنيادن تي استادن کي گهرايي ڌمڪيون ڏي ٿو استادن سان نازيبا لفظ ڳالهايي ٿو تہ توهان خلاف شوڪاز نوٽيس ڪڍي ڪاروايي ڪيي ويندي. استاد اڳواڻن ڊي آر او بدين کان مطالبو ڪيو آهي تہ فوري طور تي استاد دشمن آر او فيض محمد اديجو کي هٽايي ٻيو آر او مقرر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ استاد اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪندا. ۽ سياڻي کان تعلقي ٽنڊي باگي جي سڀني اسڪولن جا استاد ٻانهن تي ڪاربون پٽيون ٻڌي تدريسي عمل جاري رکندا.

بقايا سنڌيار 30

بيروزگار هجڻ ڪري گهر ۾ غربت، بک ۽ بدحالي سبب نوجوان پٽ پنهنجي جيڪيٽ سان ئي ڪونو جي وڻ ۾ ڦاهو کائي آپگهات ڪيو آهي، هوڏانهن کهڙا ٿاڻي جي ايس ايچ او اقبال احمد رڏ رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو تہ فوتي جي پيءُ ۽ وڏيرن اعجاز احمد لاشاري ٻڌايو تہ فوتي جي گهر ۾ ٻن ڏينهن کان کائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو جنهن نوجوان وڻ ۾ جيڪيٽ ٻڌي پاڻ کي ڦاهو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 31

۽ پيپلزپارٽي جو چيئرمين آصف علي زرداري. وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ. تيمور ٽالپر. شرجيل ميمڻ. آغا سراج دراني سهيل انور سيال. ذوالفقار علي شاهہ سان ملاقات ڪئي ان موقعي تي هن پارٽي کو چيئرمين آصف علي زرداري کي صفوران ٽائون سميت ضلعي اوير ڪراچي ۾ ٿيندڙ بلدياتي اليڪشن جي حوالي سان آهي ڏيندي ڪيس ٻڌايو تہ ضلعي اوير ۾ پيپلزپارٽي پارٽي جي اميدوارن جي پوزيشن مضبوط آهي 15 جنوري تي عوام تير تي مهر لڳائيندو جڏهن تہ هن علائقائي صورت حال جي حوالي سان بہ آگاهي پڻ ڏني. ملاقات ۾ اڳوڻي صدر پاڪستان ۽ پيپلزپارٽي کو چيئرمين آصف علي زرداري چيو تہ ڪراچي سميت سنڌ اندر پيپلزپارٽي عوام جي خدمت ڪئي آهي برساتي ٻوڏ متاثرن کي پيپلزپارٽي جي قيادت توڙي تڪ جي ايم پي ايز صوبائي وزيرن اڪيلو ناهي ڇڏيو پيپلزپارٽي هر ڏک سک جي گهڙي ۾ عوام سان گڏ رهڻ واري پارٽي آهي جنهن ۾ شهيدن جي رت جي خوشبو عوام سان جڙيل آهي سندس وڌيڪ چوڻ هو تہ پيپلزپارٽي جي عوام کي مهانگائي مان نجات ڏيارڻ چاهي ٿي پر تبديلي جو نعرو لڳائيندڙن ملڪ ۾ اهڙي صورتحال پيدا ڪئي آهي جنهن ۾ حالتون بهتر ڪرڻ ۾ وقت لڳندو.

بقايا سنڌيار 32

عبدالعزيز رستماڻي پنهنجي پاڳين کي ٻڌايو تہ اسان جي ملڪ ۾ کير ۽ گوشت جي پيداوار گهٽ آهي ان ڪوٽ جي پورائي لاءِ پاڳين کي جديد طريقي سان جانورن جي نسل کي وڌائڻ جو طريقو اپنائڻو پوندو. جيئين ملڪ ۾ کير ۽ گوشت جي ڪوٽ پوري ٿيڻ سان گڏوگڏ اسان جو پاڳيو پڻ خوشحال رهي.

بقايا سنڌيار 33

وامان جي حوالي سان لس لس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پرزادو پاران دادو شهر جي پولنگ اسٽشنن جا دورا ڪيا. مڪاني اليڪشن جي پش نظر لس لس پي دادو سان ڊي لس پي سٽي عبدالخالق وگڻ ڊي آئي پي انچارج عبدالستار مراڻي لس ايچ او اي سڪشن اشفاق احمد منگي دادو شهر جي حساس پولنگ اسٽشنن جا دور ڪا.

بقايا سنڌيار 34

تي ڀهتل. اٽي جي اگهہ ۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف مزدور اتحاد پاران پنجاري پل چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي مهنگائي جي پيڙهيل مختلف شهرين محمد خان منڇري، جي يو آئي جي اڳواڻ حافظ عبدالغفور ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ سرڪار ۽ سجاول جي ضلعي انتظاميا اٽي جو سرڪاري اگهہ 75 في ڪلو مقرر ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري عوام کي بيوقوف بنايو آهي، دڙو ۾ اٽو اڄ بہ 160 ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي، هنن چيو تہ غريب توڙي پورهيت طبقي سان واسطو رکندڙ ماڻهو هاڻي رُکي ماني بہ کائي نٿا سگهن هنن مطالبو ڪيو تہ اٽي جي اگهہ سميت عام واهپي جي شين جا اگهہ گهٽائي غريب ۽ پورهيت طبقي کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي.